Kam

پن ڇِڄَڻ جو آوازُ

گوپ ڪمل





نالو : گوپ درياڻي 'ڪمل'

جنم : 9 نومبر 1948

پيشو : سِول انجنيئر دبئي ميونسپالٽي

ٻوليون : سنڌي، هندي، انگريزي،
اُردو ۽ مرهٽي

ائڊريس: 24، وِشرام سوسائٽي،
پدمجي پارڪ، پونو -411002.

يا

پوسٽ باڪس، 1691
دبئي (يو.اي.اِي)

email : gopedaryani@hotmail.com

ڇپيل ڪتاب:

1. زندگي ۽ چار ڏينهن (ناول) 1973
ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ 1981
2. چورايل خوشيءَ جو سڪو 1979
(ڪهاڻي سنگره)
3. هاءِ منهنجي نظر 1986
(ڪارٽوني تنقيد)
4. سرحدن تي گل (ڪويتائون) 1988
5. ننڊ قتل (ڪويتائون) 1990
6. واپسي (ڪويتائون) 1999
7. چانو ويڙهيل جسم (غزل) 2009
8. سچ اڳيان ٻُڪ (غزل) 2011
9. پَن ڇڄڻ جو آواز (غزل) 2013

انعام :

1. چورايل خوشيءَ جو سڪو تي 1981
C.H.D. طرفان
2. چانوَ ويڙهيل جسم تي 2012
NCPSL طرفان

پَن ڇِڄڻَ جو آوازُ

(غزل)

पन छिज॒ण जो आवाज़ु

(ग़ज़ल)

गोप कमल

گوپ ڪمل

ڀائو ۽ ڀاڀيءَ
(پيءُ ماءُ)
کي
دَڙڪا، مارون، ڀاڪر، سُڏڪا
ٻَچپن لءِ اڄ سِڪندو آهيان

भाऊ ऐं भाभीअ
(पीउ माउ)
खे
दड़िका, मारूं, भाकुर, सुड्रिका
बचपन लइ अज्ञु सिकंदो आहियां

pan chhijan jo awaazu

(ghazals)

gope kamal

year	:	september 2013
copy rights	:	with poet 24, vishram society, padamji park, pune - 411002 ph. : 0097150 - 4299516 e-mail : gopedaryani@hotmail.com
cover painting	:	aarti naresh odhrani
publisher	:	karan kishin takhleeque publication 19-20, manek park, nayan nagar, sahijpur bogha, ahmedabad - 382345.
printed	:	scan computers 3, radheyshyam complex, opp. s.t. work shop, nr. navdurga society, patia, naroda road, ahmedabad. Ph. : 079 - 30246776 - 9327007002
price	:	rs. 296/-

पंहिंजो सचु, सचु मञण लगा आहिनि
सिज अगियां सिजु रखण लगा आहिनि

आवाज़ घर जा कांच खां ब्राहिरि वञण लगा
दर ऐं दरियुनि खे पिया हणू परदा नवां नवां

तो अगियां बुकु झले रखियो आहे
जिस्म जी चांदिनी कडहिं वसंदी

दिलि जो रस्तो टेड़ो नाहे
सविलाईअ सां पहुची वेंदें

तोखे डिसी डिसी ई, अखियुनि में लिफूं पयूं
पंहिंजे बदन जो मूंते कडहिं ओलिड़ो न करि

پنهنجو سَڀ، سَڀ مَڇڻ لڳا آهن
سِڀ اکيان سِڀ رکڻ لڳا آهن

آواز گهر جا ڪانچ ڪان ٻاهر وَڃڻ لڳا
دَر ۽ دَرين کي پيا هٽون پَردا نوان نوان

تو اکيان ٻُڪ جَهلي رکيو آهي
جسم جي چانڊني ڪڏهن وسندي

دل جو رستو ڏيڙو ناهي
سولائيءَ سان پهچي ويندين

توکي ڏِسي ڏِسي ٿي، اَکين ۾ لِڦون پَيون
پنهنجي بَدن جو مون تي ڪڏهن اولڙو نه ڪر

سان ڪي نہ ڪي نوان نقش ڪڍي ٿا اچن، لڳي ٿو تہ نہ، اڳ ڪو بيو چهرو هو، هاڻي ڪو نئون مُهانڊو آهي، پلي پوءِ ڪي روش مِلندڙ جلندڙ لڳن. مثال طور پهرئين غزل مجموعي ’چانوَ ويڙهيل جسم‘ ۾ شاعر پنهنجا احساس ڪيترن هنڌ قدرت جي زميني يا آسماني پدارٿن ذريعي پيش ڪيا آهن. ان انداز جو واهپو گوپ ڪمل جي ٻئي غزل مجموعي ’’سِڄ اڳيان ٻُڪ‘ ۾ گهڻيو آهي ۽ هاڻي هن مجموعي ۾ نہ جهڙن شعرن ۾ نظر اچي ٿو (اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ هُن جي ٽنهي غزل مجموعن جا عنوان قدرتي وَستن سان وابستہ آهن). اِهو نُڪتو سنڌي غزل جي ٻين شاعرن ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. ويهين صديءَ جي نائين ڏهاڪي ۾ سنڌي غزل جي ڪن شاعرن وڏي انداز ۾ قدرتي پدارٿن وسيلي پنهنجن احساسن کي اِظهار ڏنو. جڻ هڪ ڏارا شروع ٿي ويئي هئي. پر هاڻي، ايڪويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي کان، سنڌي غزل قدرتي شين کان ڪجهہ پاسيرو هٽي، ٻوليءَ جي سادن لفظن ذريعي معنائن جا ڍيرا کولڻ شروع ڪيا آهن. اُهي ڍيرا جن ۾ ڪي بہ مُنجهہ ڪونهن ۽ اِئين نَوَن پيچرن طرف رخ ڪيو آهي. لفظ جي طاقت کي جي ڪو شاعر سمجهي تہ شاعريءَ ۾ ڪمال ٿي ويندو آهي. شرط سولو آهي، پر ايترو بہ نہ جو هر شاعر اُن کي پورو ڪري سگهي، گوپ ڪمل جهڙا ڪي ڳاڻ ڳٽيا ملي وڃن تہ غنيمت:

پنّ آواز ڪندو ناهي ڇڇڻ کان پهرين
موٽ اِطلاع نہ ڏيندو آ اچڻ کان پهرين

فالتو چيز لڏڻ وارو ڇڏي ويندو آ
منهنجي هر ياد تہ موٽاءِ وڃڻ کان پهرين

(غ-1)

اِتي ’فالتو‘ لفظ تي نظر وجهون تہ ڪئن هڪ سادي صفت کي ’ياد‘ اِسم سان جوڙي چمڪاٽ پيدا ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ يادون اسان جو جيون هونديون آهن، اسان لاءِ قيمتي هونديون آهن. فالتو-قيمتي (قيمتي لفظ جو اُپيوگ ڪرڻ بنا ئي) چيز جو ٽڪراءُ ڇٽڱ تہ ضرور ڪيدي ئي ٿو پر ساڳئي وقت تضاديہ لفظن جي استعمال جو تازگي ڀريو احساس بہ ڏئي ٿو ويجي. ٻوليءَ جي بنيادي فطرت کي ڌيان ۾ رکندي، ڪئن احساس کي سگهاري نموني ڇُهي سگهجي ٿو سو هيٺ ڏنل شعرن ۾ ’جهنگل‘ ۽ ’سِمندو‘ لفظن ذريعي بخوبي نظر اچي ٿو :

اندر ۾ ڪجهہ سِمي ٿو

ٻوليءَ جي حوالي ۾ جتي ڀاشا شاستر چپ ٿي ويندو آهي اُتان کان شاعريءَ جا ٻول وڏي واڪي ٻولڻ شروع ڪندا آهن. ظاهر آهي ڀاشا شاستر تہ پنهنجن نيمن، ٻنڌنن جي حدبندين کي اورانگهيندو ڪونہ، اُهو زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي؛ پر شاعري تہ ڪنهن پڃري ۾ قيد آهي ڪانہ. اُن لاءِ تہ ٻوليءَ جو پورو آڪاس ڪليل آهي، اننت-اپار. اِن کُليل آسمان جو لاڀ وٺي، شاعر ٻوليءَ جا جادوئي جوڙ جوڙي ٿو، نيون ترڪيبون خلقي ٿو، ٻوليءَ کي وڌيڪ امير ڪري ٿو. هر لفظ جا ڪيترائي هم معنيٰ لفظ ٿي سگهن ٿا، هوندائي آهن، پر هم معنيٰ هوندي بہ اُنهن معنائن کي پنهنجا پنهنجا جَهلڪا هوندا آهن، پنهنجا پنهنجا معنوي تَهہ هوندا آهن. اِن سچائيءَ کان ٻوليءَ جو هر سُڄاڻ واقف آهي. سهج ،سڌي،سادي ٻوليءَ ۾ شاعر ڪيتري حد تائين معنائن جا تجلا پري ٿو، اهو هنجي مشاهدي ۽ ڀاشائي نبض کي پرکڻ جي سگهہ تي مدار ٿو رکي. گوپ ڪمل جي هن غزل مجموعي جي عنوان کي ئي ڏسون : پن ڇڄڻ جو آواز. اڪثر پن سان اسين 'ڇڻڻ' فعل جو استعمال ڪندا آهيون جو صحيح بہ آهي، پن جو ڇڻڻ هڪ فطرتي عمل آهي، پر 'ڇڄڻ' ڪنهن ٻاهرئين ڏاڍ طرف اِشارو ٿو ڪري، اُن طاقت طرف آڻ ٿو ڪٽي جنهن کي وقت کان اڳ پن کي پنهنجي 'گهر' کان ٻي دخل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. نظر ٻوڙائيندا اسين تہ سماج جا ڪيئي ڏهلائيندڙ سروپ اک ۾ ايندا. هر رچناڪار سماج جو ڪجهہ وڌيڪ ئي حساس فرد هئڻ جي ڪري ڪجهہ وڌيڪ ئي پيڙا ڀوڳي ٿو. اهو هن جو نصيب آهي، پر ان ڀاڳ جي چونڊ بہ تہ هنجي آهي. گوپ ڪمل کي ڪنهن چيو تہ ڪنڌائين رستي تي پنڌ ڪر:

هڪڙي راحت پري ڏات توکان گُهريم

شاعري بخشي تو مون سان دوکو ڪيو

(غ-61)

هر ڏات گهٽو ڪجهہ طلبي ٿي. ڪابہ ڏات فرحت سان وهڻ ڪانہ ڏيندي آهي. پن جي 'ڇڄڻ' کي اتي موڪرائپ ملي ٿي. اسين ڪيترو محسوس ڪريون ٿا، اهو پنهنجيءَ حِس تي، پنهنجي سنويدنشيلتا تي آڌار ٿو رکي.

گوپ ڪمل اسان لاءِ جاتل سڃاتل شخص آهي، پر هن جا غزل هر مجموعي

ايندي سان ئي تڪڙا ياڪر
اڄ پڻ شايد جلدي ويندي
چانئٺ تي آ تنهنجي خوشبو
پيهر هيءَ دل نڳجي ويندي

(غ-18)

رومان جو اڄ جي مشيني يُگ ۾، مشين ذريعي ئي اِظهار بہ شاعر جي هڪ رمز آهي، واشنگ مشين ۾ ڪپڙا ڪئن پاڻ ۾، هڪ ٻئي سان تائيت ڳنڍيل هوندا آهن، اسان سڀ ڄاڻون ٿا، هي شعر چپن تي مرڪ آڻي ٿو ڇڏي :

جسمن جو حال، جڻ تہ بہ ڪپڙا مشين ۾
ليڪن دلين جي وچ ۾ وڏا فاصلا هئا

(غ-50)

غزل آسپاس تي بہ نظرثاني ڪري ٿو. سماج ڪان الڳ ٿي تہ ڪو ادب رچجندو ڪونہ، ڪا بيٺاري تہ بڻجندو ڪونہ. گوپ ڪمل بہ سماجي، شخصي دٻاوَ محسوس ڪري ٿو، هو بہ لُڇي ٿو :

تنَهنجي ٿڌ ڪئن لاهي سگهندس
مسڪينن جو ڪمبل آهيان

ماڻهن جو ميڙاڪو آهيان
جڻ ڪو سرڪاري نل آهيان

(غ-39)

ڊوڙي مون وٽ ٻار اچن ٿا
گهوراڙوءَ جو هوڪو آهيان

(غ-43)

تنهنجين اکين جي جاءِ تي ڪي ڦٽ ڏسون ڪمل
شايد تو مون جيان ئي ڪي سپنا ڏٺا هئا

(غ-50)

شاعر ڪيترن ئي پيڙيندڙ حالتن هيٺ جيئي ٿو، هُن جي حصي ۾ ڪيتريون ئي ڪؤڙيون باداميون آهن، پر اِن هوندي بہ شاعر جي اندر ۾ وينل، جمال جو ڪو ساڌڪ، ڪا نہ ڪا دل ڪي لُڀائيندڙ ڪنڊ ڳولهي ٿو لهي ۽ دنيا اڳيان سونهن جا ڪي چِٽ پيش ڪري ٿو وٺي :

مون سان ملندين گم تي ويندين
ڏاڍو گهاٽو جهنگل آهيان
(غ-39)
ڪنهنجي سامهون ڪُڇين ڪٿي ٿو
اَندر اَندر سِمنڊو آهين
(غ-53)

رومان غزل جي سواس نلي آهي. غزل پلي آسپاس جي بدزيبائين تي هجي، پر ڪو هڪ اڌ شعر اهڙو به ايندو جو غزل جي رومانيت کي اُجاگر ڪري ويندو. غزل، غزل آهي جڏهن اُن ۾ رومان جو، هلڪو ئي سهي، عنصر موجود آهي. اِن ڏس ۾ اَپوادَ (Exceptions) معمولي انگن ۾ ملندا. گوپ ڪمل به سندس هر غزل مجموعي ۾ رومان جا نوان نوان نقش ڏنا آهن؛ ٿڌي هير جو جهوُنو لڳي ٿو، من توانو ٿي وڃي ٿو :

مونکي ڏوراپا ڏئي
رات ير تو ڇو رُنو
(غ-2)

ايتري ناراضگي
خط لکين خالي پنو

صرف تنهنجي ئي ڪمي
ورنه مون وٽ ڇا نه هو
(غ-22)

مون سان گڏجڻ کان ڇرڪين پيو
تنهنجي دل جو کُٽڪو آهيان

سولائيءَ سان سمجهي ويندين
بلڪل سادو چهرو آهيان
(غ-11)

رومان سان گڏ،شاعرَ رمز جو عنصر جوڙي شعر کي ڇڻ نمڪين ڪندا آهن:
دشمنيءَ جو سبب پڌائي ويو
ويندي ويندي به دل دُکائي ويو
(غ-17)

अंदर में कुझु सिमे थो

ब्रोलीअ जे हवाले में जिते भाषा शास्त्र चुपि थी वेंदो आहे उतां खां शाइरीअ जा ब्रोल वड्डे वाके ब्रोलणु शुरु कंदा आहिनि। ज़ाहिरु आहे भाषा शास्त्र त पंहिंजनि नेमनि, ब्रंधननि जे हदबंदियुनि खे ओराघींदो कोन, उहो ज़ंजीरुनि में जकिड़ियलु आहे, पर शाइरी त कंहिं पिञिरे में क़ैदि आहे कान, उन लाइ त ब्रोलीअ जो पूरो आकासु खुलियलु आहे - अनन्तु - अपारु। इन खुल्ए आस्मान जो लाभु वठी, शाइरु ब्रोलीअ जा जादूई जोड़ जोड़े थो, नयूं तरिकीबूं ख़लके थो, ब्रोलीअ खे वधीक अमीरु करे थो। हरि लफ़्ज़ जा केतिराई हमि माना लफ़्ज़ थी सघनि था, हूंदा ई आहिनि, पर हमिमाना हूंदे बि उन्हनि मानाउनि खे पंहिंजा पंहिंजा झल्का हूंदा आहिनि, पंहिंजा पंहिंजा मान्वी तह हूंदा आहिनि, इन सचाईअ खां ब्रोलीअ जो हरि सुज़ाणु वाक़िफ़ु आहे। सहजि, सिधी, सादी ब्रोलीअ में शाइरु केतिरी हद ताईं मानाउनि जा तिजिला भरे थो, इहो हुनजे मुशाहिदे ऐं भाषाई नब्ज़ खे पर्खण जी सघ ते मदारु थो रखे। गोप कमल जे हिन गज़ल मज्मूए जे उन्वान खे ई ड्रिसूं : पन छिज़ुण जो आवाज़ु। अक्सरि पन सां असीं 'छणण' जो फैलु इस्तेमालु कंदा आहियूं जो सही बि आहे, पन जो छणणु हिकु फ़ितिरती अमलु आहे, पर 'छिज़ुणु' कंहिं ब्राहिरिएं ड्राढ तरफु इशारो थो करे, उन ताक़त तरफु आङुरि थो खणे जंहिंखे वक़्त खां अगु पन खे पंहिंजे 'घर' खां बेदख़लु करण जी ज़रुरत महिसूसि थी। नज़र डोड़ाईंदासीं त समाजि जा केई दहिलाईंदड़ सरूप अखि में ईंदा। हरि रचिनाकारु समाज जो कुझु वधीक ई हसासु फ़र्दु हुअण जे करे कुझु वधीक ई पीड़ा भोग्रे थो। इहो हुन जो नसीबु आहे, पर इन भाग्र जी चूंड बि त हुनजी आहे। गोप कमल खे कंहिं चयो त कंडाएं रस्ते ते पंधु करिः

हिकिड़ी राहत भरी ड्राति तोखां घुरियमि
शाइरी * बख़्शे तो मूंसां दोखो कयो

(ग. 61)

हरि ड्राति घणो कुझु तलिबे थी। का बि ड्राति फरिहत सां विहणु कान ड्रींदी आहे। पन जे 'छिज़ुण' खे इते मोकिराइप मिले थी। असीं केतिरो महिसूसि करियूं था, केतिरो उन जी पीड़ा जे अहिसास खां फथिकूं था, इहो पंहिंजीअ हिसि ते, संवेदनशीलिता ते आधारु थो रखे।

تو ڇڏيا هئا نشان رڻ پٽ ۾
گل اُتي ئي ٽڙڻ لڳا آهن

(غ-19)

جنهن بہ در تي ڪمل جُهڪايو سر
سو ئي تو پاڪ آستان ٿئي

(غ-42)

نخريلو سينـي ڪي وڻندڙ
تنهنجي نڪ جو موڙو آهيان

(غ-43)

ادب جي هر صِنف مونکي سفرنامو لڳندي آهي - جذبن، ڀاوناڻن، ويچار ڀاوَن جو سفرنامو. شاعري تہ آهي ئي جذبن جو ترجمو. اُها تہ اهڙو خانگي خط آهي جو شاعر هر ڪنهنکي پنهنجو سمجهي پڙهڻ لاءِ ڏئي ٿو. پنهنجو اندر اوري ٿو. جئن گوپ ڪمل ڪري ٿو هيٺ ڏنل شعرن ۾، جن ۾ اظهار جي نواڻ بہ نوٽ وٺڻ لائق آهي :

رُوڪي رکيم جي دل ۾، اکين ۾ اچي ويا
ڀُولهي لهن ٿا درد بہ رستا ڪٿان ڪٿان

ڏاڍي اُداس شام ذرا ٿيڪ ڏي ڪمل
ڏسجئن وهڻ لڳن ٿا پو جهرڻا ڪٿان ڪٿان

(غ-4)

آخر ۾، هر شاعر وانگر، گوپ ڪمل کي بہ پاڻکي بيش قيمتي ڪتڻ ۾ عار ڪونهي ۽ چوي ٿو :

هيرن موتين ۾ تورن پيا
پو ٻي ڏاڍو سستو آهيان

(غ-11)

پر دوست گوپ ڪمل، شاعر وڪائو ڪونہ هوندا آهن، مُفت ۾ هوندا آهن.

واسديو موهي
03-09-2013

थो :

मूं सां मिलंदें गुमि थी वेंदें
ॾाढो घाटो झंगलु आहियां

(ग. 39)

कंहिंजे साम्हूं कुछीं किये थो
अंदरि अंदरि सिमंदो आहीं

(ग. 53)

रूमान ग़ज़ल जी स्वासु नली आहे। ग़ज़ल भली आसिपासि जे बदिज़ेबायुनि ते हुजे, पर को हिकु अधु शैरु अहिड़ो बि ईंदो जो ग़ज़ल जी रूमानियत खे उजागरु करे वेंदो। ग़ज़ल, ग़ज़ल आहे जॾहिं उन में रूमान जो, हल्को ई सही, अन्सरु मौजूदु आहे। इन ॾुस में अपवाद मामूली अंगनि में मिलंदा। गोप कमल बि संदसि हर ग़ज़ल मजिमूए में रूमान जा नवां नवां नक़्श ॾिना आहिनि, थधी हीर जो झूटो लॻे थो, मनु तवानो थी वञे थो :

मूंखे ॾोरापो ॾुई
राति भति तो छो रुनो

(ग-2)

एतिरी नाराज़िगी
ख़तु लिखीं ख़ाली पनो

सिर्फ़ु तुंहिंजी ई कमी
वर्ना मूं वटि छा न हो

(ग-22)

मूंसां गॾिजण खां छिरिकीं पियो
तुंहिंजे दिलि जो खुटिको आहियां

सविलाईअ सां समिझी वेंदें
बिल्कुलु सादो चहिरो आहियां

(ग-11)

रूमान सां गॾु, शाइर रमिज़ जो अन्सरु जोड़े शैर खे ॼणु नमिकीनु कंदा आहिनि :

दुश्मनी जो सबबु ॿुधाए वियो
वेंदे वेंदे बि दिलि दुखाए वियो

गोप कमल असां लाइ ज़ातलु सुञातलु शख़्सु आहे, पर हुन जा ग़ज़ल हर मजिमूए सां के न के नवां नक़्श खणी था अचनि, लगे थो त न, अगु को ब़ियो चहिरो हो, हाणे को नओं मुंहांडो आहे, भली पोइ के रोश मिलंदड़ जुलंदड़ लगनि। मिसाल तोरि पहिरिएं ग़ज़ल मजिमूए 'छांव वेढ़ियल जिस्म' में शाइर पंहिंजा अहिसास केतिरनि हंधि क़ुदिरत जे ज़मीनी या आस्मानी पदार्थनि ज़रीए पेशि कया आहिनि, इन अंदाज़ जो वाहिपो गोप कमल जे ब़िए ग़ज़ल मजिमूए 'सिज अग़ियां बुकु' में घटियो आहे ऐं हाणे हिन मजिमूए में न जहिड़नि शैरनि में नज़रि अचे थो (इहा ब़ी ग़ाल्हि आहे त हुन जे टिन्ही गज़ल मजिमूअनि जा उन्वान क़ुदिरती वस्तुनि सां वाबस्ता आहिनि) इहो नुक्तो सिंधी ग़ज़ल जे ब़ियनि शाइरनि में बि ड्रिसी सघिजे थो। वीहीं सदीअ जे नाएं ड्रहाके में सिंधी ग़ज़ल जे किनि शाइरनि वडे अंदाज में क़ुदिरती पदार्थनि वसीले पंहिंजनि अहिसासनि खे इज़्हारु ड्रिनो। ज़णु हिक धारा शुरु थी वेई हुई। पर हाणे एकिवीहीं सदीअ जे पहिरिएं ड्रहाके खां सिंधी ग़ज़ल कुदिरती शयुनि खां कुझु पासीरो हटी, ब़ोलीअ जे सादनि लफ़्ज़नि ज़रिए मानाउनि जा ढेरा खोलणु शुरु कया आहिनि, उहे ढेरा जिनि में के बि मुंझ कोनिहनि ऐं इएं नवनि पेचिरनि तरफ़ु रुख़ु कयो आहे। लफ़्ज़ जी ताक़त खे जे को शाइरु समिझे त शाइरीअ में कमालु थी वेंदो आहे। शर्तु सवलो आहे, पर एतिरो बि न जो हरि शाइरु उन खे पूरो करे सघे, गोप कमल जहिड़ा के ग़ाण ग़ुणिया मिली वञनि त ग़नीमत :

पन्नु आवाज़ु कंदो नाहे छिज़ण खां पहिरीं
मौतु इतिलाउ न ड्रींदो आ अचण खां पहिरीं

फ़ाल्तू चीज़ लडुण वारो छडे वेंदो आ
मुंहिंजी हरि यादि त मोटाइ वञण खां पहिरीं

(ग-1)

इते 'फ़ाल्तू' लफ़्ज़ ते नज़र विझूं त कंहिं हिक सादी सिफ़ति खे 'याद'सां जोड़े चमिकाटु पैदा कयो वियो आहे, जडहिं त यादियूं असां जो जीवनु हूंदियूं आहिनि, असां लाइ क़ीमती हूंदियूं आहिनि। फ़ाल्तू-क़ीमती (क़ीमती लफ़्ज़ जो उपयोगु करण बिना ई) चीज़ जो टकिराउ चिणिग त ज़रूर कढे ई थो पर साग़िए वक़्ति तज़ादिय लफ़्ज़नि जे इस्तमाल जो ताज़िगी भरियो अहिसासु बि ड्रुई थो वञे। ब़ोलीअ जी बुनियादी फ़ितिरत खे ध्यान में रखंदे, कीअं अहिसास खे सघारे नमूने छुही सघिजे थो सो हेठि ड्रिनल शेरनि में 'झंगल' ऐं 'सिमंदो' लफ़्ज़नि ज़रीए बख़ूबी नज़रि अचे

के चिट पेश करे थो वठे :

तो छड़िया हुआ निशान रिणिपट में
गुल उते ई टिड़ण लगा आहिनि

(ग-19)

जंहिं बि दर ते कमल झुकायो सिरु
सो ई थो पकि आस्तानु थिए

(ग-42)

नख़रेलो सभिनी खे वणदड़ु
तुंहिंजे नक जो मोड़ो आहियां

(ग-43)

अदब जी हरि सिन्फ़ मूंखे सफ़रुनामो लग़दीं आहे - जज़्बनि, भाविनाउनि, वीचार भावनि जो सफ़रुनामो। शाइरी त आहे ई जज़्बनि जो तरिजिमो। उहा त अहिड़ो खानिगी ख़तु आहे जो शाइरु हरकहिं ख़े पंहिंजो समिझी पढ़ण लाइ ड़िए थो, पंहिंजो अंदरु ओरे थो, जीअं गोप कमल करे थो हेठि ड़िनल शैरनि में, जहिं में इज़्हार जी नवाणि बि नोट वठण लाइक़ आहे :

रोके रखियमि जे दिलि में, अखियुनि में अची विया
ग़ोलिहे लहनि था दर्द बि रस्ता किथां किथां

ड़ाढी उदासु शाम, ज़रा टहिक ड़े कमल
ड़िसिजें वहण लग़नि था पो झरिणा किथां किथां

(ग-4)

आख़िरि में, हरि शाइर वांगुर, गोप कमल खे बि पाणखे बेशिक़ीमती कथण में आरु कोन्हे ऐं चवे थो :

हीरनि मोतियुनि में तोरिनि पिया
पो भी ड़ाढो सस्तो आहियां

(ग-11)

पर दोस्त गोप कमल, शाइर विकाऊ कोन हूंदा आहिनि, मुफ़्ति में हूंदा आहिनि ।

वासदेव मोही
03-09-2013

(ग-17)

ईंदे सां ई तकिड़ा भाकुर
अजु पिणि शायदि जल्दी वेंदी

चांउठि ते आ तुंहिंजी ख़ुश्बू
ब॒ीहर हीअ दिलि ठगि॒जी वेंदी

(ग-18)

रूमान जो अजु जे मशीनी युग में, मशीनि ज़रीए ई इज़्हिारु बि शाइर जी हिक रमिज़ आहे, वाशिंगि मशीनि में कपिड़ा कीअं पाण में, हिक बि॒ए सां टाईटि गुं॒ढियल हूंदा आहिनि, असां सभु ज॒ाणू था, ही शैरु चपनि ते मुर्क आणे थो छडे॒ :

जिस्मनि जो हालु, ज॒णु त ब॒ कपिड़ा मशीनि में
लेकिनि दिल्युनि जे विच में वडा॒ फ़ासिला हुआ

(ग-50)

ग़ज़ल आसिपासि ते बि नज़रसानी करे थो। समाज खां अलगि॒ थी त को अदबु रचिजंदो कोन, का ब॒ेटारी त बणिजंदो कोन। गोप कमल बि समाजी, शख़्सी दबा॒व महिसूसि करे थो, हू बि लुछे थो :

तुंहिंजी थधि किअं लाहे सघंदुसि
मिस्कीननि जो कम्बलु आहियां

माणिहुनि जो मेड़ाको आहे
ज॒णु को सरिकारी नलु आहियां

(ग-39)

डोड़ी मूं वटि ब॒ार अचनि था
घोराड़ूअ जो होको आहियां

(ग-43)

तुंहिंजियुनि अखियुनि जी जाइ ते के फट डिसूं कमल
शायदि तो मूं जियां ई के सुपिना डि॒ठा हुआ

(ग-50)

शाइरु केतिरुयिनि ई पीड़ींदड़ि हालतुनि हेठि जीए थो, हुन जे हिसे में केतिरियूं ई कौड़ियूं बादामियूं आहिनि, पर उन हूंदे बि शाइर जे अंदर में वेठलु, जमाल जो को साधकु, का न का दिलि लुभाईंदड़ कुंड गो॒ल्हे थो लहे ऐं दुनिया अगि॒यां सूंहं जा

(1)

पन्नु आवाज़ु कंदो नाहे छिज॒ण खां पहिरीं
मौतु इतिलाउ न ड॒ींदो आ अचण खां पहिरीं

तूं चपनि खे जे चुमणु चाहीं त इंकारु न आ
हौसिलो घुरिजे थो टांडनि खे छुहण खां पहिरीं

वण जी टारीअ खे अजायो न कड॒हिं ड॒ोहु ड॒िजे
उन जी मज़बूती ड॒िसणु घुरिजे विहण खां पहिरीं

जे तरणु ज॒ाणीं त बेख़ौफ़ु टपो ड॒े हिन में
छो थो गहिराई पुछीं इन जी घिड़ण खां पहिरीं

फ़ाल्तू चीज़ लड॒ण वारो छड॒े वेंदो आ
मुंहिंजी हर यादि त मोटाइ वञण खां पहिरीं

तोते विश्वासु कयां वारु हिंअर कीन कंदें
पहिंजा हथियार त रखु हार मञण खां पहिरीं

कंहिंजी तक़दीर त कंहिं वक़्ति बि फेरो खाए
आख़िरी दाउ त हणु पिड़ खे छड॒ण खां पहिरीं

हाणे पछिताए करे छा भला हासुलि थींदुइ
कुझु त सोचीं हा कमल शैरु लिखण खां पहिरीं

(1)

پڻ آواز ڪندو ناهي ڇڄڻ ڪان پهرين
موت اطلاح نہ ڏيندو آ اَچڻ ڪان پهرين

تون چَپن ڪي جي چُمڻ چاهين تہ انڪار نہ آ
حوصلو گهرجي ٽو ٽانڊن ڪي ڇُهڻ ڪان پهرين

وڻ جي ٽاريءَ ڪي اَجايو نہ ڪڏهن ڏوهہ ڏِجي
ان جي مضبوطي ڏسڻ گهرجي وِهڻ ڪان پهرين

جي ترڻ ڄاڻين تہ بي خوف ٽِپو ڏي هن ۾
چو ٽو گهرائي پُڇين اِن جي گهڙڻ ڪان پهرين

فالتو چيز لَڏڻ وارو ڇڏي ويندو آ
منهنجي هر ياد تہ موٽاءِ وَڃڻ ڪان پهرين

تو تي وشواس ڪيان وار هِنئر ڪين ڪندين
پنهنجا هٿيار تہ رکہ هار مَڃڻ ڪان پهرين

ڪنهنجي تقدير تہ ڪنهن وقت بہ ڦيرو کائي
آخري داءُ تہ هڻ پڙ ڪي ڇَڏڻ ڪان پهرين

هاٽي پڇتائي ڪري ڇا ڀلا حاصل ٿيندءِ
ڪجهہ تہ سوچين ها **ڪمل** شعر لِکڻ ڪان پهرين

(2)

पहिरियों धकु तुहिंजो लगो
यार तो ही छा कयो

रांदि में ड्राढो मज़ो
घिन्डु छो जल्दी वगो

सुहिणो गुलु ख़ुश्बू किथे
इअँ टिड़ण मां फ़ाइदो !

तूं ई मूंते वारु करि
डिसु छुरो मूं वटि मुड़ो

पे छिक्योसीं पाण डे
नेठि ही रिश्तो टुटो

वरवकड़ तोखे लगुसि
मां त हिकु माण्हू सिधो

मूंखे डोरापा डई
राति भरि तो छो रुनो

केडो साराहीं पियो
तो कमल में छा डिठो

(2)

پهريون ڏک تنهنجو لڳو
يارَ تو هي ڇا ڪيو

راند ۾ ڏاڍو مَزو
گهنڊُ ڇو جلدي وَڄو

سُهڻو گل خوشبو ڪٿي
اِئن ٽِڙڻ مان فائدو!

تون ئي مون تي وارُ ڪر
ڏِس ڇُرو مون وٽ مُڏو

پئي ڇڪيوسين پاڻ ڏي
نيٺ هي رِشتو ٽُٽو

وَر وَڪڙ توکي لڳُس
مان ته هڪ ماڻهو سِڌو

مونکي ڏوراپا ڏئي
رات پر تو ڇو رُنو

ڪيڏو ساراهين پيو
تو ڪمل ۾ ڇا ڏِٺو

(3)

का नन्ढी ग़ालिह ई मञींदो करि
मुंहिंजे सुपिननि में तूं न ईंदो करि

ख़र्चु हिन में टके जो कीन थिए
तूं बि कूड़ा दिलासा ड्टींदो करि

दोस्तु बणिजीं नथो त दुश्मन थी
इअं न तूं हेकिलो छड्टींदो करि

कूड़ ते छो फिको थिए चहिरो
कहिं पके रंग सां रङींदो करि

कुझु बि धर्तीअ ते कीन ठाहे सघिएं
सिर्फ़ु उभ में महल अड्टींदो करि

तुंहिंजे दिलि खां त मां परे नाहियां
रड़ि न, भुणि भुणि सां ई सड्टींदो करि

आज़मूदा सदाईं सचु चवंदा
कुझु बुज़ुर्गनि जी पिणु मञींदो करि

प्यार एं शाइरीअ में थिया बेकारि
लिस्टि में तूं कमल गड्टींदो करि

(3)

ڪا نندڙي ڳالھہ ئي مڃيندو ڪر
منھنجي سُپنن ۾ تون نہ ايندو ڪر

خرچ ھن ۾ ٽڪي جو ڪين ٿئي
تون بہ ڪوڙا دلاسا ڏيندو ڪر

دوست بڻجين نٿو، تہ دشمن ٿيءُ
اِئن نہ تون ھيڪلو ڇڏيندو ڪر

ڪوڙ تي جو ٽِڪو ٿئي چھرو
ڪنھن پڪي رنگہ سان رڱيندو ڪر

ڪجھہ بہ ڌرتيءَ تي ڪين ٿاھي سگھئين
صرف اُپ ۾ محل اَڏيندو ڪر

تنھنجي دل ڪان تہ مان پَري ناھيان
رڙ نہ، پُٺ پُٺ سان ئي سَڏيندو ڪر

آزمودا سدائين سچ چوندا
ڪجھہ بُزرگن جي پڻ مڃيندو ڪر

پيار ۽ شاعريءَ ۾ ٿيا بيڪار
لِست ۾ تون ڪمل گڏيندو ڪر

(4)

आंदा अथनि गुलनि जे लाइ पिञिरा किथां किथां
ख़ुश्बू ते हिति लग॒नि पिया पहिरा किथां किथां

पंहिंजी पसंदि सां ई कपींदा वञनि था सभु
थींदा रहिया वजूद जा टुकिरा किथां किथां

रोके रखियमि जे दिलि में, अखियुनि में अची विया
ग॒ोल्हे लहनि था दर्द बि रस्ता किथां किथां

कोई ख़रीदे ई नथो, फाटलु ड॒िसी टहनि
आख़िरि रफ़ू कयां मां ही जज़्बा किथां किथां

ब॒ाहिर त हू बची वियो, घर जे भितियुनि फटियुसि
पैदा थियनि था शहर में ख़तिरा किथां किथां

पेरनि जा जिति निशान छड॒ियइ गुल टिड़ण लग॒ा
महिकनि पिया था शान सां सहिरा किथां किथां

ब॒ूसाट घर में ड॒ाढी लग॒ी, जिअं दरी पटियमि
जुग॒िनुनि सां गडु अची विया किरिणा किथां किथां

ड॒ाढी उदासु शाम, ज़रा टहिक ड॒े कमल
ड॒िसिजैं वहण लग॒नि था पो झरिणा किथां किथां

को दादु ई नथो ड॒िए, कमल तुहिंजे शैर ते
महिफ़िलि में था विहनि अची मुर्दा किथां किथां

(4)

آنڌا اٿن گلن جي لاءِ ڀڄرا ڪِٽان ڪِٽان
خوشبو تي هِت لڳن پيا پَهرا ڪِٽان ڪِٽان

پنهنجي پسند سان ئي ڪپيندا وڃن ٿا سڀ
ٿيندا رهيا وَجود جا ٽُڪرا ڪِٽان ڪِٽان

روڪي رکيم جي دل ۾ ، اکين ۾ اچي ويا
ڳولهي لهن ٿا درد ٻه رَستا ڪِٽان ڪِٽان

ڪوئي خريدي ئي نٿو، قاتل ڏسي ٺَهن
آخر رفو ڪيان مان هي جذبا ڪِٽان ڪِٽان

ٻاهر تہ هو ٻَچي ويو، گهر جي پِٽين ڦَٽيس
پئدا ٿين ٿا شهر ۾ خَطرا ڪِٽان ڪِٽان

پيرن جا جِت نشان ڇَڏيئہ، گُل ٽِڙڻ لڳا
مهڪن پيا ٿا شان سان صَحرا ڪِٽان ڪِٽان

ٻوسات گهر ۾ ڏاڍي لڳي، جِئن ڏري پَٽيم
جُگنن سان گڏ اچي ويا ڪِرڻا ڪِٽان ڪِٽان

ڏاڍي اُداس شام، ذرا ٺَهڪ ڏي ڪمل
ڏسجئن وَهڻ لڳن ٿا پو جَهرڻا ڪِٽان ڪِٽان

ڪو داد ئي نٿو ڏِئي ڪمل تنهنجي شعر تي
محفل ۾ ٿا وِهن اچي مُردا ڪِٽان ڪِٽان

(5)

साह तकिड़ा खजु॒ण लगा॒ आहिनि
यादि शायदि अचण लगा॒ आहिनि

पहिरियों भेरो चपनि छुही आ मुर्क
सभु अजब सां डि॒सण लगा॒ आहिनि

हंस हिकु हिकु करे उडा॒मी विया
कांव मोती चुगु॒ण लगा॒ आहिनि

बादलनि जा इझो खजु॒नि था लाश
मोर छा लइ नचण लगा॒ आहिनि

कंहिं नमूने बि पंहिंजो हक़ु वठंदा
बीख वांगुरु घुरण लगा॒ आहिनि

कुझु नज़र जे छुहाअ में हो मिलियलु
फट अगे॒ जियां कुरण लगा॒ आहिनि

निंड सां ठाहु छो कजे हाणे
सुपिना दोखो डि॒यण लगा॒ आहिनि

पंहिंजियूं डिगिरियूं कमल जलाए छडि॒
भरम सारा टुटण लगा॒ आहिनि

(5)

ساه تَڪڙا ڪَڇڻ لڳا آهن
ياد شايد اَچڻ لڳا آهن

پهريون ڀيرو چپن ڇُهي آ مرڪ
سڀ عجب سان ڏِسڻ لڳا آهن

هَنس هِڪ هِڪ ڪري اُڏامي ويا
ڪانوَ موتي چُڳڻ لڳا آهن

بادلن جا اِجهو ڪڇن ٿا لاش
مورَ ڇا لءِ نَچڻ لڳا آهن

ڪنهن نموني به پنهنجو حق وٺندا
ڀيک وانگر گُهرڻ لڳا آهن

ڪجهه نظر جي ڇُهاءَ ۾ هو مِليل
ڦَٽ اڳي جيان ڪُرڻ لڳا آهن

ننڊ سان ناهه ڇو ڪجي هاڻي
سپنا دوکو ڏِيڻ لڳا آهن

پنهنجيون ڊِگريون ڪمل جلائي ڇڏ
ڀرم سارا ٽُٽڻ لڳا آهن

(6)

सादो चहिरो रखंदो आहे
बंदि लिफ़ाफ़ो लगुंदो आहे

सभ सां हरदमु खिली मिले थो
ख़ुदि खे शूके ड्रिसंदो आहे

कूडु भला किंअं ग़ाल्हाईंदो
तिलिकु निरिड़ ते हणंदो आहे

कंहिंजे साम्हूं कुझु कुछे नथो
निंड में छा छा बकंदो आहे

सिज जी ताबिशि जो ख़ौफु न थसि
छांव ड्रिसी पर डिजंदो आहे

नज़र झुकाए चोरीअ चोरीअ
अजु पिणि कंहिंखे ड्रिसंदो आहे

सभिनी जा ई भाव लिकल हिति
शिकिलियूं वर वर पढ़ंदो आहे

बुसी बुसी पो लगुंदी आ हीअ
महिफ़िलि मां जिअं उथंदो आहे

سادو چهرو رَکندو آهي
بند لِفافو لَڳندو آهي

سپ سان هردم کِلي مِلي ٿو
خود کي شوکي ڏِسندو آهي

کوڙ ڀلا کِئَن ڳالهائيندو
ڊِلک نِرڙ تي هَٽندو آهي

ڪنهنجي سامهون ڪجهه ڪُڇي نٿو
نِنڊ ۾ ڇا ڇا بَڪندو آهي

سچ جي تابش جو خوف نہ ٿس
چانوَ ڏِسي پر ڏِڄندو آهي

نظر جُهڪائي چوريءَ چوريءَ
اڄ پڻ ڪنهنکي ڏِسندو آهي

سيني جا ئي ڀاوَ لِکل هِت
شِڪليون ور ور پڙهندو آهي

ٻُسي ٻُسي پو لڳندي آهيءَ
محفل مان جئن اُٿندو آهي

(7)

सुकल ज़मीन जूं अजु पिणु इबादतूं क़ाइमु
ऐं बादलनि जूं उहे ई शरारतूं क़ाइमु

कटीसीं उमिरि सज़ी, हिन खे ज़िंदगी समिझी
असां जूं साहु खणण जूं हिमाक़तूं क़ाइमु

हिंअर त हार मञी, चुपि करे हू वेठा हिनि
नज़र त साफ़ु चवे थी, बग़ावतूं क़ाइमु

शिकायतूं नथियूं सूंहनि पुराणे यारनि जूं
भली रखनि हू दिलियुनि में हिक़ारतुं क़ाइमु

अजायो प्यार ऐं रिश्तनि ते छोथो ड्रोहु मढ़ीं
हिते त सभिनी शयुनि में मिलावतूं क़ाइमु

वजाए चंगु थकुसि, झोलु पो बि ख़ाली आ
बुधो हो शहर में अजु पिणु सख़ावतूं क़ाइमु

असांखे तुंहिंजो ही गुलु पिणु पथर समानि लगो
रहियूं न तुंहिंजे हथनि में नज़ाकतूं क़ाइमु

घणो ई ज़ोरु भरिनि पिया, बुधाइ ताज़ो गज़लु
कमल में साग्रियूं ई वेसरि जूं आदतूं क़ाइमु

(7)

شُڪل زمين جون اڄ پڻ عِبادتون قائم
۽ بادلن جون اُهي ئي شَرارتون قائم

ڪَتيسين عمر سڄي هن کي زندگي سمجهي
اسان جون ساهه کڻڻ جون حِماقتون قائم

هنئر تہ هار مَڃي، چُپ ڪري هو وينا هن
نظر تہ صاف چوي ٿي، بَغاوتون قائم

شِڪايتون نٿيون سونهن پُراڻي يارن جون
پلي رکن هو دلين ۾ حِقارتون قائم

اَجايو پيار ۽ رشِتن تي ڇو ٿو ڏوهہ مڙهين
هتي تہ سيني سَين ۾ مِلاوتون قائم

وَڃائي چنگہ ٽَڪس، جهول پو بہ خالي آ
ٻُڌو هو شهر ۾ اڄ پڻ سَخاوتون قائم

اسانکي تنهنجو هي گل پڻ پٿر سَمان لڳو
رهيون نہ تنهنجي هٿن ۾ نَزاڪتون قائم

گهڻو ئي زور ڀرن پيا، ٻُڌاءِ تازو غزل
ڪمل ۾ ساڳيون ئي ويسر جون عادتون قائم

(8)

मां अगरि ख़ुदि खे वणां
देविता बणिजी पवां

आईनो बणिजी मिले
खेसि पत्थर किअं हणां

थोरिड़ो जे साथु ॾीं
आस्माननि खे छुहां

राति कहिं खां ॾसु पुछियुमि
अजु बि रस्तनि ते रुलां

भुरिकिणा सभु आसिरा
कहिड़ीअ छिति हेठां लिकां

सोन जो पिञिरो ॾिसी
मां त अजु पिणु भंभिलिजां

दोस्तु गहिरो आ कमल
इन करे हुन खां ॾिजां

(8)

مان اگر خود کي وَڏان
ديوتا بڻجي پَوان
آئينو بڻجي مِلي
کيس پٿّر ڪِئَن هَڏان
تورڙو جي ساٿُ ڏين
آسمانن کي ڇُهان
رات ڪنهن کان ڏسُ پَڇيم
اڄ به رستن تي رُلان
پُرڪڻا سڀ آسرا
کهڙيءَ ڇِت هينان لِڪان
سون جو پڃرو ڏِسي
مان ته اڄ پڻ پَنپلجان
دوست گهِرو آ ڪمل
ان ڪري هن کان ڊِڄان

(9)

सोच कहिंजी आ एड़ी नूरानी
जंहिं सां रिश्तो लगे थो रूहानी

ठोठु धर्तीअ खे थो लताड़े वञे
हुन डिठी नाहे उञ जी हैरानी

मंज़िलिनु खे छुही वधी बि विया
हाणे रस्तनि ते सिर्फ़ु वीरानी

बाहि फूकूं डई विसाई थो
तुंहिंजी आदत उहा ई बचिकानी

तूं दरी खोले छो अची बीठीअं
चंड जे चहिरे ते परेशानी

रिश्तो पारूथो पिणु निभायूं पिया
अजु बि क़ाइमु असांजी नादानी

छांव बणिजी ढके छडियाऊं सिजु
कहिं खे आ यादि तिनि जी क़ुर्बानी

हाणे पंहिंजो मिलणु डुखियो थींदो
तूं हठीलो ऐं मां बि अभिमानी

कंहिंजे पाछे खां दूरि थीं तूं कमल
पोइ थींदइ जिअण में आसानी

(9)

سوچ ڪنهنجي آ ايڏي نوراني
جنهن سان رِشتو لڳي ٿو روحاني

ٽوٽ ڏرتيءَ کي ٿو لَتاڙي وڃي
هن ڏٺي ناهي اُج جي حيراني

منزلن کي ڇُهي وڏي به وِيا
هاڻي رَستن تي صرف ويراني

باهه ڦوڪون ڏئي وِسائين ٿو
تنهنجي عادت اُهائي بَچڪاني

تون دري کولي ڇو اچي بيٺين
چنڊ جي چهري تي پَريشاني

رشتو پاروٿو پڻ نِڀايون پيا
اڄ به قائم اسانجي ناداني

ڇانوَ ٻڻجي ڏَکي ڇڏيائون سڄ
ڪنهن کي آ ياد ٿِن جي قُرباني

هاڻي پنهنجو مِلڻ ڏُکيو ٿيندو
تون هٺيلو ۽ مان به اَيماني

ڪنهنجي پاڇي ڪان دور ٿي تون ڪمل
پوءِ ٿيندءِ جئڻ ۾ آساني

(10)

वेछा असांजे विच में घणाई वधी विया
सचु सचु न मुंह ते चइजे, वड॒ा सचु चई विया

ज॒ाणू बहाना ठाहे हितां खां हटी विया
टेढ़े अङण में केड॒ा अनाड़ी नची विया

कहिड़े गुनाह जी सज़ा वेंदे ड॒ई विया
मिलंदनि कड॒हिं न निंड, अखियुनि ते लिखी विया

बीमारु मौसमनि जो गुलनि ते असरु पियो
कारा निशान माक जे तिनि ते ज॒मी विया

साढ़ी सुकी ऐं खुड॒ ते, तिखो मींहुं जो पियो
कंहिं जिस्म जा वराका नज़र में ठही विया

हिन मां कड॒हिं न फलु मिलियो, या छांव ई मिली
हिकु हिकु करे समूरा पन पिणु छणी विया

पट तां खणी तो जिनि खे मथे ते रखियो कमल
तोखे लताड़े रस्ते ते अगि॒ते वधी विया

ويچارا اسانجي وچ ۾ گھٽائي وڌي ويا
سَچ سَچ نہ منهن تي چئجي، وڏا سچ چئي ويا

چاٽو ٻهانا ٺاهي هتان کان هَٽي ويا
ٽيڙي اڱڻ ۾ ڪيڏا آناڙي نَچي ويا

کهڙي گُناهہ جي سزا ويندي ڏئي ويا
مِلندن ڪڏهن نہ ننڊ، اکين تي لِکي ويا

بيمار موسمن جو گُلن تي اَثر پيو
ڪارا نِشان ماڪ جا تِن تي ڄَمي ويا

ساڙهي سُڪي پي ڪُڏ تي، تِکو مينهن جو پيو
ڪنهن جسم جا وَراڪا، نظر ۾ ٺَهي ويا

هن مان ڪڏهن نہ ڦَل مِليو يا ڇانو ئي مِلي
هڪ هڪ ڪري سمورا پَن پڻ ڇَڻي ويا

پَٽ تان ڪٽي تو جن کي مٽي تي رکيو ڪمل
توکي لتاڙي رستي تي اڳتي وَڌي ويا

(11)

ऊंदहि में हिकु खड़िको आहियां
डेज़े वारो रस्तो आहियां

सविलाईअ सां समिझी वेंदे
बिल्कुलु सादो चहिरो आहियां

अंदरि कोई तोतो नाहे
ख़ाली ख़ाली पिञिरो आहियां

अरिसे खां जा सिज लइ भिटिकी
उन ग॒ोल्हा जो सुडि॒को आहियां

ख़ुदि खां ख़ुदि खे ई धार कयुमि
केड॒ो तुंहिंजे वेझो आहियां

कंहिंजो कंहिंजो ढकु बणिजां हिति
आख़िरि नंढिड़ो पर्दो आहियां

मूंसां गडि॒जण खां छिरिकीं पियो
तुंहिंजे दिलि जो खुटिको आहियां

चीगम वांगुरु हथ ते चुहिटियलु
हिकिड़ो जूठो रिश्तो आहियां

हीरनि मोतियुनि में तोरिनि पिया
पो भ ड॒ाढो सस्तो आहियां

(11)

اونده ۾ هڪ ڪَڙِڪو آهيان
ٻيجي وارو رَستو آهيان

سولائيءَ سان سَمجهي ويندين
بِلڪل سادو چَهرو آهيان

اندر ڪوئي طوطو ناهي
خالي پڃرو آهيان

عرصي کان جا سِڄ لءِ پِڙڪي
اُن ڳولها جو سُڏڪو آهيان

خود کان خود کي ئي ڏار ڪَيم
ڪيڏو تنهنجي ويجهو آهيان

ڪَنهنجو ڪَنهنجو ڏُک ٻڌجان هِت
آخر ننڍڙو پَردو آهيان

مون سان گڏجڻ کان ڇِرڪين پيو
تنهنجي دل جو ڪُتڪو آهيان

چيڱم وانگر هٿ تي چُهٽيل
هڪڙو جوُنو رِشتو آهيان

هيرن موتين ۾ تورن پيا
پو پِي ڏاڍو سَستو آهيان

(12)

मिलियो त रोज़ु ई आहे मगरि गडि॒यो नाहे
किताबु बंदि लगु॒ो आ, कड॒हिं पढ़ियो नाहे

शिकायतूं बि कजनि कंहिं सां पंहिंजे पाछे जूं
भली हू हिकिड़ो क़दमु मूं सां गडु॒ हलियो नाहे

जड॒हिं बि मौक़ो मिलियुसि, वारु तुंहिंजी पुठि ते कंदो
पुराणी चिणिग खे अंदर मां हुन कढियो नाहे

बहादुरीअ जो सबक़ु कंहिं खे तूं पढ़ाईंदे
हिते त कंधु खणी को जिअणु सिखियो नाहे

समूरी ख़ुश्बू फ़क़ति तुंहिंजे साथ सां ई हुई
गुलाबु कोई बदन में वरी टिड़ियो नाहे

ज़रुरु कंहिंजे निशाननि पुठियां रुलियो हूंदो
बिना सबब जे त रिणपट में हू डुकियो नाहे

ज़रा मथे ते चढ़े पोइ हेठि छिकिबो खेसि
अञा त हू वडी॒ ऊचाईअ ते रसियो नाहे

सुख़निवरनि में कमल खे किथां शुमारु कजे
ग़ज़लु जो दिलि खे छुहे, हुन कड॒हिं लिखियो नाहे

(12)

مِليو تہ روز ئي آهي مگر ڳَڏيو ناهي
ڪِتاب بند لڳو آ، ڪڏهن پڙهيو ناهي

شِڪايتون بہ ڪَجن ڪنهن سان پنهنجي پاڇي جون
پلي هو هڪڙو قدم مون سان گڏ هليو ناهي

جڏهن بہ موقعو مِليُس، وار تنهنجي پُٺ تي ڪَندو
پُراڻي چِڱڻ ڪي اندر مان هن ڪَڍيو ناهي

بهادريءَ جو سبق ڪنهنکي تون پَڙهائيندين
هِتي تہ ڪنڌ ڪٺي کو جِئڻ سِکيو ناهي

سموري خوشبو فقط تنهنجي ساٿَ سان ئي هئي
گُلاب ڪوئي بَدن ۾ وري ٽِڙيو ناهي

ضرور ڪنهنجي نِشانن پٺيان رُليو هوندو
بنا سبب جي تہ رِڻ پٽ ۾ هو ڊُڪيو ناهي

ذرا مَٿي تہ چڙهي، پوءِ هيٺ ڇِڪبو ڪيس
اڃا تہ هو وڏي اوچائيءَ تي رَسيو ناهي

سُخنورن ۾ ڪمل کي ڪِٿان شُمار ڪجي
غزل جو دل کي ڇُهي، هن ڪڏهن لِکيو ناهي

मुर्क जो पर्दो भलि लगाईदें
पेटु दाईअ खां किअं लिकाईदे

हड़ में वंहिवारु गोठ जो रखिजइं
पाण ते शहर खे खिलाईदें

मां मञां थो त मुंहिंजी ग़ल्ती आ
गाल्हि खे केतिरो वधाईदें

हाणे जंहिं तंहिं जा फ़ैसिला थो करीं
हीअ बचियल साख पिणु विञाईदें

तूं अञा सेखिड़ाटु पिड़ खे छडि
रांदि सभिनी जी तूं फिटाईदे

सोझिरो तुंहिंजे घर में घटि आहे
पाड़े वारे जो घरु जलाईदे

थोरो कुझु मूंखे भी चवणु डे कडहिं
सिर्फ़ु पंहिंजो ई रागु गाईदें

हिति पतेबाज़ु सभु खिलाड़ी कमल
पोइ भी दाउ तूं लगाईदें

(13)

مُرڪ جو پردو ٻَل لَڳائيندين
پيٽ ڊائيءَ ڪان ڪٿي لِڪائيندين

هَڙ ۾ وهنوار ڳوٺ جو رَکجئي
پاڻ تي شهر کي کِلائيندين

مان مڃان ٿو تہ منهنجي غلطي آ
ڳالهہ کي ڪيترو وَڌائيندين

هاڻي جنهن تنهن جا فيصلا ٿو ڪرين
هيءَ بچيل ساکہ پڻ وڃائيندين

تون اڃا سيڪڙات پڙ کي ڇڏ
راند سيني جي تون ڦِٽائيندين

سوجهرو تنهنجي گهر ۾ گهٽ آهي
پاڙي واري جو گهر جَلائيندين

ٿورو ڪجهہ مونکي پيِ چَوڻ ڏي ڪڏهن
صرف پنهنجو ئي راڳہ ڳائيندين

هِٽ پٽي باز سڀ ڪلاڙي ڪمل
پوءِ پيِ ڊاءُ تون لڳائيندين

जिनि खे तो सुबुह शहर जा रस्ता डुसिया हुआ
से राति जो घिटियुनि में ई रुलंदा मिलिया हुआ

मूं चंड खे विसाए दरी बंदि जिअं कई
के खुड़िखब्रीता कमिरे जी रौनक़ बणिया हुआ

पत्थर ते कोशिशूं त अजायूं थियूं वञनि
के नक़्श बर्फ़ ते ई बणाए छड्डिया हुआ

ऊचाईअ तां किरण जो घणो डपु लगेनि थो
माणिहू त सिर्फ़ु बांबिड़ा पाइणु सिखिया हुआ

कल्ह राति जेको शख़्सु उञायलु मरी वियो
उन पंहिंजी मुठि में क़ैदि के सागर रखिया हुआ

पेरनि जा के निशान छपियल था नज़र अचनि
हू केरु हुआ जे सहिरा मां वर वर लंघिया हुआ

कंहिंजी बि दिलि डे राह न ठाहे सघियुसि कड्डहिं
मूं चंड जा घणा दफ़ा रस्ता कछिया हुआ

हू जल्दु मोटिणो हो, घणी राति थी वई
शायदि कमल खे अज्ञु बि के शाइर गड्डिया हुआ

(14)

جنِ کي تو صبح شهر جا رَستا ڏسيا هئا
سي رات جو ڳهڻين ۾ ئي رُلندا مِليا هئا

مون چنڊ کي وِسائي دَري بند جِئن ڪئي
ڪي ڪُڙڪيندا ڪمري جي رونق بڻيا هئا

پٿر تي ڪوششون ته اجايون ٿيون وڃن
ڪي نقش برف تي ئي بڻائي ڇڏيا هئا

اوچائيءَ تان ڪِرڻ جو گهٽو ڏپ لڳين ٿو
ماڻهو ته صرف بانبڙا پائڻ سِکيا هئا

ڪَلهه رات جيڪو شخص اُجايل مري ويو
اُن پنهنجي مُٺ ۾ قيد ڪي ساگر رکيا هئا

پيرن جا ڪي نِشان ڇَپيل ٿا نظر اَچن
هو ڪير هئا جي صحرا مان وَر وَر لنگهيا هئا

ڪنهنجي به دل ڏي راهه نه ٿاهي سگهيس ڪڏهن
مون چنڊ جا گهڻا دفعا رستا ڪَڇيا هئا

هو جلد موٽڻو هو، گهٽي رات ٿي وئي
شايد ڪمل کي اڄ به ڪي شاعر گڏيا هئا

(15)

चहिरो चहिरो ड॒खियलु ड॒खियलु आहे
कुझु त अंदरि दुखियलु दुखियलु आहे

पंहिंजे ई ज़हिर सां पिया तड़िफनि
नांगु हरिको कखियलु कखियलु आहे

टार तां गुलु छिनण खां पहिरीं सोचि
कंडो कंडो टिड़ियलु टिड़ियलु आहे

तोखे काराणि किअं नज़रि ईंदी
आइनो ई लटियलु लटियलु आहे

लोक कुझु साफ़ु साफ़ु कीन चवनि
लफ़्ज़ु हरिको घुंजियलु घुंजियलु आहे

ड॒ाढी सविलाईअ सां पढ़ी वेंदें
मुंहिंजो चहिरो खुलियलु खुलियलु आहे

मूंखे ई ख़ून जी सज़ा छा लइ
तुंहिंजो हथु पिणु रङियलु रङियलु आहे

सिर्फ़ु अखि ई उघाड़ी नाहे कमल
अंगु हरिको खरियलु खरियलु आहे

چهرو چهرو ڏُکيل ڏُکيل آهي
ڪجهه تہ اندر ڏُکيل ڏُکيل آهي

پنهنجي ئي زهر سان پيا تڙڦن
نانگہ هرڪو ڪَکيل ڪَکيل آهي

ٿارَ ٿان گل چِنڻ ڪان پهرين سوچ
ڪنڊو ڪنڊو ٽِڙيل ٽِڙيل آهي

توکي ڪاراڻ ڪِٿان نظر ايندي
آئينو ئي لَٽيل لَٽيل آهي

لوڪ ڪجهه صاف صاف ڪين چَون
لفظ هرڪو ڳُهنجيل ڳُهنجيل آهي

ڏاڍي سولائيءَ سان پَڙهي ويندين
منهنجو چهرو کُليل کُليل آهي

مونکي ئي خون جي سزا ڇا لاءِ
تنهنجو هٿ پڻ رَڱيل رَڱيل آهي

صرف اڪہ ئي اُگهاڙي ناهي ڪمل
انگہ هرڪو ڪَريل ڪَريل آهي

(16)

ॾाइरी लिखंदे मुंझां
केतिरो मां सचु लिखां

हथ में अजु तो हथु ॾिनो
रस्तो भुलिजी थो पवां

चंडु सिजु घर में हुआ
हाणि जुगिनुनि लइ सिकां

पहुच तुंहिंजी आ वॾी
तुंहिंजो नालो किअं खणा

ॾीं त दिलि खोले डिजइं
न त ॿिए दर ते वञां

मूं सां तोखे प्यारु आ
अजु बि सचु पुछंदे डिॼां

गुमि किथे थी वियो कमल
आइनो वेठो ॾिसां

ٻاڻري لِکندي مُنجهان
ڪيترو مان سچ لِکان
هٿ ۾ اڄ تو هٿ ڏِنو
رستو ڀُلجي تو پَوان
چنڊ سچ گهر ۾ هڻا
هاڻ جُڳنن لءِ سِڪان
پَهچ تنهنجي آ وَڏي
تنهنجو نالو ڪِئن ڪڍان
ڏين ته دل کولي ڏِجئن
نه ته ڀِئي در تي وَڃان
مون سان توکي پيار آ
اڄ به سچ پڇندي ڊِڃان
ڪُم ڪٽي تي ويو ڪمل
آئينو ويڙو ڏِسان

(17)

दुश्मनीअ जो सबबु बुधाए वियो
वेंदें वेंदे बि दिलि दुखाए वियो

हीअ भंभट में मतां बदिल्जी वञे
फूक सां चिणिग ई विसाए वियो

पंहिंजे थोरनि जा बार चाढ़े करे
लीक खे टुब्रिको हू बणाए वियो

सिर्फ़ु भुणि भुणि बुधण में आई पिए
अज़ु बि अंदर में कुझु लिकाए वियो

हो त दुश्मनु, गले मिलियो मुरिकी
दोस्तीअ खे बि ज़ुणु लज़ुाए वियो

रोज़ु वांगुरु उदासु शाम हुई
जुगिनू बणिजी करे सजाए वियो

को सुञाणे नथो हिंअर मूंखे
मुंहिंजो चहिरो कमल तिग़ाए वियो

(17)

دشمنيءَ جو سبب ڀُڃائي ويو
ويندي ويندي بہ دل ڏُکائي ويو

هيءَ ڀَنيَت ۾ مَتان بدلجي وڃي
ڦوڪ سان چِڻگہ ئي وِسائي ويو

پنهنجي ڦورن جا بار چاڙهي ڪري
ليڪَ ڪي ٽُبڪو هو ٻَڻائي ويو

صرفُ ڀُڻ ڀُڻ ٻڌڻ ۾ آئي پئي
اڄ بہ اندر ۾ ڪجهہ لِڪائي ويو

هو تہ دُشمن، گلي مِليو مُرڪي
دوستيءَ ڪي بہ چڻ لَڄائي ويو

روز وانگر اُداس شام ٿئي
جُگنو ٻڻجي ڪري سَجائي ويو

ڪو سُڃاڻي نٿو هِنئر مونکي
منهنجو چهرو ڪمل ڦِڳائي ويو

(18)

अखि सां अखि जे अड़िजी वेंदी
निंड सदा लइ खसिजी वेंदी

ईदे सां ई तकिड़ा भाकुर
अजु पिणु शायदि जल्दी वेंदी

तो सां ग़ालिहयूं ख़ूब कबियूं अजु
तुंहिंजी दिलि भी तरु थी वेंदी

मूंसां तूं जे रोज़ु न मिलंदे
तुंहिंजी सूरति विसिरी वेंदी

का त घड़ी साही बि पटणु ड॒े
ग़ालिह चपनि ते रहिजी वेंदी

चांउठि ते आ तुंहिंजी ख़ुश्बू
ब॒ेहर हीअ दिलि ठगि॒जी वेंदी

छा लइ तोखे हालु बु॒धायां
तुंहिंजी अखि पिणु भरिजी वेंदी

ईअं कमल तूं प्यार सां न डि॒सु
दिलि जी धड़िकनि रुकिजी वेंदी

اکھ سان اک جي اَڙجي ويندي
ننڊ سدا لءِ کَسجي ويندي

ايندي سان ٿي ٽَڪڙا ٽڪر
اڄ پڻ شايد جَلدي ويندي

تو سان ڳالهيون خوب ڪبيون اڄ
تنهنجي دل پي ٺَر ٺي ويندي

مون سان تون جي روز نہ مِلندين
تنهنجي صورت وِسري ويندي

ڪا تہ گهڙي ساهي بہ پَٽڻ ڏي
ڳالهہ چَپن تي رَهجي ويندي

چانڊوڪ تي آ تنهنجي خوشبو
ٻيهر هيءَ دل ڏَڱجي ويندي

ڇا لءِ توکي حال ٻُڌايان
تنهنجي اکہ پڻ ڀَرجي ويندي

اِئين ڪمل تون پيار سان نہ ڏس
دل جي ڌڙڪن رُڪجي ويندي

(19)

पंहिंजो सचु, सचु मञण लॻा आहिनि
सिज अॻियां सिजु रखण लॻा आहिनि

दुश्मननि ते किथां मां वारु कंदुसि
हथ हिंअर खां ॾुकण लॻा आहिनि

टुकिरा टुकिरा करे हू मुंहिंजो बदनु
पंहिंजो हिस्सो घुरण लॻा आहिनि

आला जज़्बा भला किथे रखंदुसि
बारिशुनि में पुसण लॻा आहिनि

छाजे लइ तारा कनि पिया अखिबूट
ॾोहु कंहिंजो ढकण लॻा आहिनि

तो छॾिया हुआ निशान रिणपट में
गुल उते ई टिड़ण लॻा आहिनि

तूं त मशहूरु सारी दुनिया में
तोखां नालो पुछण लॻा आहिनि

अजु हवा में कमल उॾामे पियो
खेसि शाइरु मञण लॻा आहिनि

(19)

پنهنجو سچ، سچ مَڃڻ لڳا آهن
سِڄ اڀيان سِڄ رَکڻ لڳا آهن

دشمنن تي ڪٽان مان وار ڪندس
هٿ هيئنئر ڪان ڏکڻ لڳا آهن

ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري هو منهنجو بَدن
پنهنجو حصّو گُهرڻ لڳا آهن

آلا جذبا پلا ڪٽي رکندس
بارشن ۾ پُسڻ لڳا آهن

ڇا جي لاءِ تارا ڪن پيا اکبوٽ
ڏوهه ڪنهنجو ڏِکڻ لڳا آهن

تو ڇڏيا هئا نِشان رِڻ پٽ ۾
گُل اُتي ئي ٽِڙڻ لڳا آهن

تون تہ مشهور ساري دنيا ۾
توکان نالو پُڇڻ لڳا آهن

اڄ هوا ۾ ڪمل اُڏامي پيو
ڪيس شاعر مَڃڻ لڳا آهن

(20)

ज़ाहिरु कड़िहें न कहिं सां बि नाराज़िगी कंदो
रुसिणो अथसि ब्रिए सां ऐं मूसां किटी कंदो

सागरु अग्रियां ड्रिसी बि कड़िहें ख़ुशि नथो थिए
शायदि हिंअर तलब, रुग्रो हिक बूंदि जी कंदो

चिणिगुनि सां रांदि जो घणो शौक़ीनु थो लग्रे
कंहिंजो बि घरु जलाए करे रोशनी कंदो

हैरत लग्रे थे हाणि संदसि हौसिलो ड्रिसी
सोचियो हो वारु हू बि पुठियां खां लिकी कंदो

हरिकोई कमु सदाईं हू सच्चाईअ सां करे
नफ़िरत करण में मूंसां भला किअं ठग्री कंदो

पंहिंजियूं ज़रूरतूं ड्रिसी, टारियूं कपे छड्रियइ
तूं ई बुधाई छांव हिंअर केतिरी कंदो

चमिकाट जे करे ई अखियूं बंदि थो रखे
ऊंदहि ड्रिसी हू ग्रािल्हि रुग्रो राति जी कंदो

आखिरि सिखी वियो हिते समिझौता किअं कजनि
अफ़वाह हुआ त जल्दु कमल ख़ुदिकशी कंदो

(20)

ظاهر ڪڏهن نہ ڪنهن سان بہ ناراضگي ڪندو
رُسڻو اُتس پِئي سان ۽ مون سان ڪِٽي ڪندو

ساگر اڳيان ڏِسي بہ ڪڏهن خوش نٿو ٿِئي
شايد هِنئر طَلب، رڳو هڪ بوند جي ڪندو

چڱڻن سان راند جو گهڻو شوقين ٿو لڳي
ڪنهنجو بہ گهر جلائي ڪري روشني ڪندو

حيرت لڳي ٿي هاڻ سندس حوصلو ڏسي
سوچيو هو وار هو بہ پنيان ڪان لِڪي ڪندو

هرڪوئي ڪم سدائين هو سچّائي سان ڪري
نفرت ڪرڻ ۾ مون سان ڀلا ڪِئن ڏڳي ڪندو

پنهنجيون ضرورتون ڏسي، ٽاريون ڪَپي ڇڏيئہ
تون ئي ٻُڌاءِ ڇانوَ هِنئر ڪيتري ڪندو

چمڪات جي ڪري ئي اکيون بند ٿو رکي
اوندهہ ڏسي هو ڳالهہ رڳو رات جي ڪندو

آخر سِڪي ويو هتي سَمجهوتا ڪِئن ڪجن
افواهہ هئا تہ جلد ڪمل خودڪشي ڪندو

(21)

दिलि खे आथतु त को ॾुई वठिबो
तोखे सुपिननि में ई चुमी वठिबो

हू पघरु पिणु ठॻीअ सां ई तोरे
पंहिंजो हक़ु हुन खां अॼु घुरी वठिबो

को त उन खे पढ़ण बि ईंदो ज़रूरु
हालु वारीअ मथां लिखी वठिबो

अचु त अॼु तोखे भाकुरनि में भरियूं
भलि त दुनिया ॾिसे, ॾिसी वठिबो

तूं हिसाबनि में ई कचो आहीं
तोखां दिलि जो सबक़ु सिखी वठिबो

शहर में हू नओं नओं थो लॻे
हुन खां घर जो पतो पुछी वठिबो

छो बिना ॾोह जे घुरां माफ़ी
माठि दड़िको संदसि सही वठिबो

अॼु कमल मूडि में न आयो आ
छड़ि, ॿिए भेरे कुझु ॿुधी वठिबो

(21)

دل کي آتت تہ کو ڏئي ونبو
توکي سُپنن ۾ ئي ڇُمي ونبو

هو پگهر پڻ نَڳيءَ سان ئي توري
پنهنجو حق هن کان اڄ گهُري ونبو

کو تہ اُن کي پڙهڻ بہ ايندو ضرور
حالُ واريءَ مٿان لکي ونبو

اڄ تہ اڄ توکي ڀاکرن ۾ ڀَريون
ڀل تہ دنيا ڏِسي، ڏِسي ونبو

تون حِسابن ۾ ئي کَچو آهين
توکان دل جو سبق سِکي ونبو

شهر ۾ هو نئون نئون تہ لڳي
هن کان گهر جو پتو پُڇي ونبو

ڇو بنا ڏوهہ جي گهُران معافي
ماٺ دڙکو سندس سَهي ونبو

اڄ کمل موڊ ۾ نہ آيو آ
ڇڏ، ٻئي ڀيري کجهہ ٻُڌي ونبو

(22)

गैसि, गोली, लठि सहो
पंहिंजा हक़ छो था घुरु

एतिरी नाराज़िगी
ख़तु लिखीं ख़ाली पनो

सभु हलनि ज़ुणु निंड में
खूनु थी वियो कंहिं ड्रिठो

तुंहिंजो चहिरो पे ड्रिठुमि
तो अलाए छा चयो

को बि नालो किथि खंयुमि
तोखे छो ग़ुस्सो लगो

लफ़्ज़ माना पिया मटिनि
छा चयुमि, तो छा बुधो

अजु बि मां शरिनारिथी
देशुवासी मुल्क जो

सिर्फ़ु तुंहिंजी ई कमी
वर्ना मूं वटि छा न हो

(22)

گئس، گولي لَٽ سَهو
پنهنجا ڇو حق ٿا گُهرو

ايتري ناراضگي
خط لِکين خالي پنو

سَپ ڪَلن جڻ ننڊ ۾
خون ٿي ويو ڪنهن ڏِنو

تنهنجو چهرو پي ڏِٺم
تو الائي ڇا چيو

ڪوبہ نالو ڪِٿ ڪنيم
توکي ڇو غصّو لڳو

لفظ معنيٰ پيا مَٿن
ڇا چيم، تو ڇا ٻُڌو

اڄ بہ مان شرنارٿي
ديش واسي مُلڪ جو

صرف تنهنجي ئي ڪمي
ورنہ مون وٽ ڇا نہ هو

(23)

तुंहिंजे चहिरे खे जे नज़र छुहंदी
कोई ड॒ोरापो ई मथिसि लिखंदी

केतिरो दूरि तो वसायो घरु
पोइ दिलि, दिलि जी दांहं किअं बुधंदी

मां रुग॒ो पाण खे थो प्यारु कयां
कंहिं ब॒िए में किथां हीअ अखि बुड॒ंदी

तो अग॒ियां बुकु झले रखियो आहे
जिस्म जी चांदिनी कड॒हिं वसंदी

केतिरी बाहि थी ब॒ुरे अंदरि
तोखे किअं सेक जी ख़बर पवंदी

भाकुरनि पाण में कयूं ग॒ाल्हियूं
राति सुसि पुसि में ई वई रिजंदी

नेठि हिक ड॒ींहुं भड़िकंदे तूं कमल
तुंहिंजी नाराज़िगी घणो लिकंदी

(23)

تنهنجي ڇهري کي جي نظر ڇُهندي
ڪوئي ڏوراپو ئي مٿس لِکندي

ڪيترو دور تو وَسايو گهر
پوءِ دل، دل جي دانهن ڪِئن ٻُڌندي

ماں رُڳو پاڻ کي تو پيار ڪيان
ڪنهن ٻِئي ۾ ڪِٿان هيءَ اکڙ ٻُڌندي

تو اڳيان ٻُڪ جهلي رکيو آهي
جسم جي چانڊني ڪڏهن وَسندي

ڪيتري باهه تي ٻَري اندر
توکي ڪِئن سيڪ جي خبر پوندي

ڀاڪرن ۾ پاڻ ۾ ڪيون ڳالهيون
رات سُس پُس ۾ ئي وئي رِجندي

نيٺ هڪ ڏينهن ٻَڙڪندين تون ڪمل
تنهنجي ناراضگي گهڻو لِکندي

(24)

गुल जी ख़ुश्बू बणिजी वेंदें
मूंसां मिलंदें, महिकी वेंदें

दिलि जो रस्तो टेड़ो नाहे
सविलाईअ सां पहुची वेंदें

सचु पचु डाढो रुसिणो आहीं
समिझियोसीं तूं परिची वेंदें

तोखे खोले छा छा चवंदुसु
चहिरो डिसु, ख़ुदि समिझी वेंदें

बादल सां सुम्हु भाकी पाए
अंदरि ब्राहिरि तरु थी वेंदें

गुल जे अंदरि चिणिग लिकल आ
अखि सां छुहंदे, फटिजी वेंदें

दरिया खे भलि तेज़ु वहणु डे
शीशो डिसंदें, छिरिकी वेंदें

केरु डिए थो साथु कमल हिति
वक़्तु डिसी तूं खिसिकी वेंदें

گُل جي خوشبو ٻڻجي ويندين
مون سان مِلندين، مَهڪي وِيندين

دل جو رستو ٽيڙو ناهي
سولائيءَ سان پَهچي ويندين

سچ پچ ڏاڍو رُسڻو آهين
سمجهيوسين تون پَرچي ويندين

توکي ڪولي چا چا چوندس
چهرو ڏِس، خود سمجهي ويندين

بادل سان شُمهه ٻاڪي پائي
اندر ٻاهر تَر ٿي ويندين

گُل جي اندر چِڻگهه لِڪل آ
اڪ سان ڇُهندين، ڦَٽجي ويندين

دريا ڪي ٻَل تيز وَهڻ ڏي
شيشو ڏسندين ڇِرڪي ويندين

ڪير ڏئي ٿو ساٿ ڪمل هِت
وقت ڏِسي تون ڪِسڪي ويندين

(25)

बेख़ौफ़ु पत्थरनि मथां जेके हलिया हुआ
छा लाइ तिनि जा पेर गुलनि जे फटिया हुआ

कंहिंजो हो ज़िकिरु, बंदु अखियुनि जो टुटी पियो
मुंहिंजे ग॒िलनि तां पोइ तो सागर चखिया हुआ

हिकिड़े ड॒िए जी रोशनी, तिनि लइ घणी हुई
पर सिजु खसण जे लाइ संदनि हथ खज॒िया हुआ

छिति जी तलाश में अञा दरि दरि पिया रुलूं
महिमान थी जे आया, घरनि में टिकिया हुआ

पंहिंजी नियत कड॒हिं बि लिकाए नथा सघनि
हिन खां अग॒ हुननि घणा चोला मटिया हुआ

उन जे बु॒ड॒ण जे ड॒ोहु छो तूफ़ान खे ड॒िजे
सोराख़ केतिराए त अंदिरां थिया हुआ

फड़िकणु चपनि जो समिझ में आयुनि किथे कमल
मूं केतिरा सनेहा हवा ते लिखिया हुआ

(25)

بي خوف پٿرن مٿان جيڪي هليا هئا
ڇا لاءِ تن جا پير ڳُلن تي ڦَٽيا هئا

ڪنهنجو هو ذڪر، بند اکين جو ٽُٽي پيو
منهنجي ڳلن تان پوءِ تو ساگر ڇڪيا هئا

هڪڙي ڏِئي جي روشني تن لءِ گهٽي هئي
پر سڄ ڪَسڻ جي لاءِ سندن هٿ ڪَڇيا هئا

ڇِت جي تلاش ۾ اچا در در پيا رُلون
مَهمان تي جي آيا، گهرن ۾ ٽِڪيا هئا

پنهنجي نِيَت ڪڏهن بہ لِڪائي نٿا سگهن
هن ڪان اڳي ڦُنن گهڻا چولا مَٽيا هئا

اُن جي ٻُڏڻ جو ڏوهہ ڇو طوفان کي ڏِجي
سوراخ ڪيترائي تہ اندران ٽِيا هئا

ڦَڙڪڻ ڇپن جو سمجهہ ۾ آين ڪِٿي ڪمل
مون ڪيترا سَنيها هوا تي لکيا هئا

(26)

शाइरीअ सां दुश्मनी आ
अजु कमल ड॒ाढो सुखी आ

फ़ख़ुर सां थो सिजु सड॒ाई
रोशनी तुंहिंजी डि॒ठी आ

राति को सुपिना चुमी वियो
रूह में हिक रागि॒णी आ

मार खाई ब॒ारु सुडि॒के
साग॒ी हालति माउ जी आ

ज़िल्लतुनि सां ठाहु था कनि
ख़ैरु, मुंहिंजी ग॒ाल्हि ब॒ी आ

झूनो रिश्तो छो टुटो अजु
पक ब्रि॒न्हीं में का कमी आ

तोखे भुलिजी ख़ुशि किथे मां
निंड तुंहिंजी पिणु फिटी आ

साहु ई पिया थां खणनि सभु
ज़िंगदी, हीअ ज़िंदगी आ

(26)

شاعريءَ سان دُشمني آ
اڄ ڪمل ڏاڍو سُکي آ

فخر سان تو سڄ سَڏائين
روشني تنهنجي ڏِني آ

رات کو سپنا چُمي ويو
روح ۾ هڪ راڳِڻي آ

مار ڪائي ٻار سُڏڪي
ساڳئي حالت ماءُ جي آ

ذلتّن سان ناهه تا ڪن
خير، منهنجي ڳالهه ٻي آ

جهونو رشتو چو ٽُٽو اڄ
پڪ ٻنهي ۾ ڪا ڪَمي آ

توکي ڀُلجي خوش ڪٿي مان
ننڊ تنهنجي پڻ ڦِٽي آ

ساهه ٿي پيا تا ڪٽڻ سڀ
زندگي، هي زندگي آ

(27)

चहिरे जा सारा दाग़, हिंअर छो ढके नथो
पंहिंजो बि दोस्तु हो, ही हठीलो मञे नथो

सुर जो थियो हो भरमु, जो सिरु ई कपे ड॒िनुमि
चारण जो चंगु बंदि आ, कुझु भी वज॒े नथो

हुन खे त कहिं बि हाल में चढ़िणो हुओ मथे
कंहिंजे कुल्हनि ते पेर रखियाईं, ड॒िसे नथो

पंहिंजे ख़िलाफु मूं ई गवाही ड॒ई छड॒ी
एड॒ो त रौबु शहर में शाहिदु मिले नथो

बेख़ौफ़ु थी चवे पियो, ग॒ोल्हे लहो सबूत
कंहिं भी गुनाह जी का निशानी छड॒े नथो

इन्साफ़ु नेठि थींदो, अञा ख़ुवाब थो ड॒िसे
चुपिचापु ज़िल्लतूं सहे, लेकिनि टुटे नथो

हरि बारि तुंहिंजे वार खे, चुपि चापु ई सठुमि
हाणे लड़ण बिना त को चारो बचे नथो

सिमिसिमि चई घिड़ियो हो वड॒े शौक़ सां कमल
ब॒ाहिरि अचण जे लाइ मगरि दरु खुले नथो

ڇهري جا سارا داغ، ھِنئر ڇو ڏَڪي نٿو
پنهنجو بہ دوست ھو، ھي ھَنيلو مَڃي نٿو

سُر جو ٿيو ھو پرم، جو سِر ئي ڪَپي ڏِنم
چارڻ جو چنگہ بند آ، ڪجھہ ٻي وَڄي نٿو

ھن ڪي تہ ڪنهن بہ حال ۾ چڙھڻو ھئو مَٿي
ڪنهنجي ڪُلهن تي پير رکيائين، ڏِسي نٿو

پنهنجي خلاف مون ئي گواهي ڏئي ڇڏي
ايڏو تہ رعب شهر ۾ شاھد مِلي نٿو

بي خوف ٿي ڇوي پيو، ڳولهي لهو ثبوت
ڪنهن ٻي گناھہ جي ڪا نِشاني ڇَڏي نٿو

انصاف نيٺ ٿيندو، اڃا خواب ٿو ڏسي
چپ چاپ ذلّتون سَهي، ليڪن ٿُٽي نٿو

ھر بار تنهنجي وار ڪي چپ چاپ ئي سَنم
ھاڻي لڙڻ بنا تہ ڪو چارو بَچي نٿو

سِر سِر ڇئي گهڙيو ھو وڏي شوق سان ڪمل
ٻاھر اچڻ جي لاءِ مگر دَر کُلي نٿو

(28)

हू सदा मुंहिंजे आसि पासि रहियो
पो बि दिल खे कड़ुहिं छुही न सघियो

हरि दिलासो बि पियो ठठोली लगे॒
इन तरह सां तो मुंहिंजो हालु पुछियो

समुंड वांगुरु ई थोरो खारो होसि
ज़हिरु समिझी करे तो कीन चखियो

हुन जो चहिरो ड॒िसी इहो सोचियां
मूं संदसि दर ते अजु॒ छो पेरु रखियो

कूड़ो आथतु बि कीन आयो ड॒ियण
जंहिं खे हरदमु मूं पंहिंजो दोस्तु सड॒ियो

कहिं किरियल खे भली लताड़े वञु
हुन जी ग़ल्ती इहा, छो हेठि किरियो

राति गुज़िरी, इहोई सोचींदे
मूंखे तुंहिंजे बदन छो कीन सड॒ियो

एतिरी देरि छो लगा॒यइ अजु॒
तोखे रस्ते ते छा कमल हो गड॒ियो

(28)

هو سَدا منهنجي آسِپاسِ رَهيو
پو به دل کي کڏهن ڇُهي نه سَگهيو

هر دِلاسو به پيو ٿَنولي لڳي
ان طرح سان تو منهنجو حال پُڇيو

سمنڊ وانگر ٿي تورو کارو هوس
زهر سمجهي ڪري تو کين چَکيو

هن جو چهرو ڏِسي اِهو سوچيان
مون سندس در تي اڄ ڇو پير رَکيو

ڪوڙو آٿت به کين آيو ڏِيڻ
جنهن کي هردم مون پنهنجو دوست سَڏيو

ڪنهن ڪِريل کي پلي لَتاڙي وڃ
هن جي غلطي اِها، ڇو هيٺ ڪِريو

رات گذري اهوئي سوچيندي
مونکي تنهنجي بدن ڇو کين سَڏيو

ايتري دير ڇو لَڳايئه اڄ
توکي رستي تي ڇا ڪمل هو گڏيو

(29)

मंज़िलि लइ भिटिकी ग॒ोलियूं था रस्ता नवां नवां
ड॒िसिजनि था मोड़ मोड़ ते ख़तिरा नवां नवां

आवाज़ घर जा कांच खां ब॒ाहिरि वञण लग॒ा
दर ऐं दरियुनि खे पिया हणू पर्दा नवां नवां

जिस्मनि जा वर वकड़ अञा हिरखाए था वठनि
अज़ु पिणु कयूं अखियूनि सां के सौदा नवां नवां

एड॒ा तमाशा रोज़ु जो सोचणु नथा ड॒ियनि
हिन ग॒ोठ में लग॒नि पिया मेला नवां नवां

कहिड़े बि आइने ते भरोसो किथां कजे
हरिको हिते पसाए थो चहिरा नवां नवां

तक़रीर में असरु वड॒ो, ताड़ियूं वज़नि पयूं
घोराड़ूअ जा ब॒ुधुं पिया होका नवां नवां

थोरी ई कामियाबी जड॒हिं खां मिलण लग॒ी
पैदा थियण लग॒ा हिते रिश्ता नवां नवां

फासाए वियो कमल वरी लफ़ज़नि जे ज़ार में
पोखियूं पिया अखियुनि में के सुपिना नवां नवां

منزل لءِ ڀٽڪي ڀُوليون ٿا رَستا نوان نوان
ڏِسجن ٿا موڙ موڙ تي خَطرا نوان نوان

آواز گهر جا ڪانهن ڪان ٻاهر وَڃڻ لڳا
دَر ۽ دَرين کي پيا هٽون پَردا نوان نوان

جسمن جا وَر وَڪڙ اڃا هِرڪائي ٿا وٺن
اَڃ پڻ ڪيون اکين سان ڪي سوُدا نوان نوان

ايڏا تماشا روز جو سوچڻ نٿا ڏين
هن ڳوٺ ۾ لڳن پيا ميلا نوان نوان

کهڙي ٻہ آئيني تي ڀروسو ڪٿان ڪجي
هرڪو هتي ڀَسائي ٿو چهرا نوان نوان

تقرير ۾ اثر وڌو، تاڙيون وَڃن پيون
گهوراڙوءَ جا ٻُڌون پيا هوڪا نوان نوان

ٿوري ئي ڪاميابي جڏهن کان مِلڻ لڳي
پئدا ٿيڻ لڳا هِتي رشتا نوان نوان

قاسائي ويو ڪمل وري لفظنً جي ڄار ۾
پوکيون پيا اکين ۾ ڪي سپنا نوان نوان

(30)

आइने खां डिज़ी वियो पाछो
मूं पुठियां ई लिकी वियो पाछो

साथु हुनि पिण छडियो अंधेरे में
खेसि ब्रियो को मिली वियो पाछो

हाणे तुंहिंजो वजूदि मूं वांगुरु
अजु मथे ते लिखी वियो पाछो

जिअं ई कापार ते अची वियो सिजु
तकिड़ो तकिड़ो सुसी वियो पाछो

पत्थरनि ते हली हली मूंसां
डिसु त केडो गसी विया पाछो

को ब्रियो मूं सां गडु हले छा लाइ
सिर्फ़ु इन ते रुसी वियो पाछो

हाणे मुंहिंजे पुठियां पियो थो हले
नेठि मूंसां ठही वियो पाछो

(30)

آئيني کان ڏِڄي ويو پاڇو
مون پنيان ئي لِڪي ويو پاڇو

ساٿ هن پڻ ڇڏيو انڌيري ۾
ڪيس ٻيو ڪو مِلي ويو پاڇو

هاڻي تنهنجو وجود مون وانگر
اڄ مٽي تي لِڪي ويو پاڇو

جِئن ئي ڪاپار تي اچي ويو سج
ٽَڪڙو ٽڪڙو ٿُسي ويو پاڇو

پٿّرن تي هلي مون سان
ڏس ته ڪيڏو گَسي ويو پاڇو

ڪو ٻيو مون سان گڏ هلي ڇا لاءِ
صرف ان تي رُسي ويو پاڇو

هاڻي منهنجي پٺيان پيو ٿو هلي
نيٺ مون سان ٺهي ويو پاڇو

(32)

चवनि था साल थिया, हू कड॒हिं खिलियो नाहे
गुलनि जो घाउ अञा ताईं छा भरियो नाहे

ज़माने जो थे कयुमि ज़िकिरु, तूं छो हैडो थिएं
मूं कंहिंजो नालो कहाणीअ में किथि लिखियो नाहे

मिठियूं मिठियूं ब॒ुधी ग॒ाल्हियूं, मथिसि भरोसो न करि
तो दोस्तीअ जो हलाहलु अञा चखियो नाहे

अजायो मोटी करे पाण खे लज॒ायो मूं
कननि जो वहिमु हो, सचु पचु त कंहिं सड॒ियो नाहे

अची अची थी चपनि ते ई ग॒ाल्हि रुकिजी वञे
तो दिलि जो हालु त दिलि सां कड॒हिं पुछियो नाहे

डुकण जे जोश में एड॒ो त हू वकोड़ियलु हो
अग॒ियां वधी वियो, मंज़िलि ते पिणु रुकियो नाहे

घणाई हीरा ऐं मोती किरियल हुआ पट ते
कमल त उभु ई ड॒िठो आ, किथे झुकियो नाहे

(32)

چَون ڏا سال ڏيا هو ڪڏهن ڪِليو ناهي
گُلن جو ڳهاءُ اڃا تائين ڇا ڀَريو ناهي

زماني جو ڏِي ڪيم ذِڪر، تون ڇو هَئڊو ڏِئين
مون ڪنهنجو نالو ڪهاڻيءَ ۾ ڪِٿ لِکيو ناهي

مِنيون مِنيون ٻُڌي ڳالهيون مَتس ڀَروسو نہ ڪر
تو دوستيءَ جو ڦلاهل اَڃا چکيو ناهي

اَڃايو موتي ڪري پاڻ کي لَڄايو مون
ڪَنن جو وَهم هو، سچ پڇ تہ ڪنهن سَڏيو ناهي

اَچي اَچي ڏي چَپن تي ئي ڳالهہ رُڪجي وڃي
تو دل جو حال تہ دل سان ڪڏهن پُڇيو ناهي

ڏُکڻ جي جوش ۾ ايڏو تہ هو وَڪوڙيل هو
اَڳيان وَڌي ويو منزل تي پڻ رُڪيو ناهي

ڳهڻائي هيرا ۽ موتي ڪِريل هئا پَٽ تي
ڪمل تہ اُپ ئي ڏنو آ، ڪِٿي جُهڪيو ناهي

(33)

सभिनी ते रौबु ज़ुमाए करे ई हलंदो आ
जंहिं सां पुज़ंदो न आ, पेरनि ते किरी पवंदो आ

ड्रींहुं हणु हणु में कढे, मिन्टु बि फ़ुर्सत न मिलेसि
राति खां निंड जी हू बीख पियो पिनंदो आ

छो न वेगाणी लगे, वहंदी रहे थी चुपि चापु
को उञायलु बि संदसि चप न कडुहिं चुमंदो आ

हू त ख़तिरनि में बि ज़णु रांदि जो माणे थो मज़ो
काग़िजी जिस्मु अथसि, बाहि जे भरि रहंदो आ

दोस्ती सिज सां रखे, पेर फटियल हरिदमु ई
हिन तिखी उस में भला छांव खां को रुसंदो आ

रोज़ु बारिशि में पुसे, पोइ बि आलो न थिए
प्यास सालनि जी खणी, बूंदि जे लइ सिकंदो आ

अज़ु बि के शैर बुधाईंदो, कमल बोरि कंदो
दगु मटाए था लंघूं, पो बि ड्रिसी वठंदो आ

(33)

سيني تي رعب ڄمائي ڪري ٿي هلندو آ
جنهن سان پُڄندو نه آ، پيرن تي ڪري پوندو آ

ڏينهن هَڻ هَڻ ۾ ڪٽي، مِنٽ به فُرصت نه مِليس
رات ڪان ننڊ جي هو ٻيڪه پيو پننڊو آ

ڇو نه ويڳاڻي لڳي وَهندي رهي ٿي چُپ چاپ
ڪو اُڇايل به سندس ڇَپ نه ڪڏهن ڇُمندو آ

هو ته خطرن ۾ به ڇڻ راند جو ماڻي ٿو مَزو
ڪاغذي جِسم اَٿس، ٻاهه جي پِر رهندو آ

دوستي سڄ سان رکي پير قَتيل هردم ٿي
هن ٿِڪي اُس ۾ پِلا ڇانوَ ڪان ڪو رُسندو آ

روز بارش ۾ پُسي، پوءِ به آلو نه ٿئي
پياس سالن جي ڪٽي ٻوند جي لاءِ سِڪندو آ

اڄ به ڪي شعر ٻڌائيندو، ڪمل ٻور ڪندو
دَڳه مٿائي ٿا لنگهون، پو به ڏِسي ونندو آ

(34)

केतिरी बीख थी मिले ॾिसिजइं
झोलु पंहिंजनि अगि॒यां झले ॾिसिजइं

कंहिंजा पर मेणि जा, सचा कंहिंजा
सिजु हिते केरु थो छुहे ॾिसिजइं

रागु॒ मल्हार जो सिखी वठु फ़नु
किअं थी बरसाति पो खिले ॾिसिजइं

बादलनि जी हटाइ पोती ज़रा
चंडु कंहिंखे पियो चुमे ॾिसिजइं

केतिरा ख़ुवाब थियूं अखियूं पालिनि
के हवाई महल अॾे ॾिसिजइं

बसि के थोरा ई साल गुज़िरिणु ॾे
पोइ किअं थो बदनु पुछे ॾिसिजइं

समिझी सघंदें कमल नईं पीढ़ी
सोच खे वेकिरो करे ॾिसिजइं

کيتري بيکڙ تي مِلي ڏِسجئن
جهول پنهنجن اڳيان جَهلي ڏِسجئن

کنهنجا پَرَ ميڻ جا، سچا کنهنجا
سڄ هِتي کير تو ڇُهي ڏِسجئن

راڳ ملهار جو سِکي وٺ فن
ڪِئن تي برسات پو ڪِلي ڏسجئن

بادلن جي هَنٽاءِ پوتي ذرا
چنڊ کنهنکي پيو ڇُمي ڏسجئن

کيترا خواب تيون اکيون پالِن
کي هوائي مَحلَ اَڏي ڏسجئن

بس کي تورا ئي سال گُذرڻ ڏي
پوءِ ڪِئن تو بَدن پُڇي ڏسجئن

سمجهي سگهندين کمل نئين پيڙهي
سوچَ کي ويکرو کري ڏسجئن

मुंहिंजी हालति ते खिलीं थो
पोइ भी पंहिंजो चवीं थो

टहिक सभिनी जा बुधीं थो
मुंहिंजा वाका किथि सुणी थो

किअं सुञाणींदे तूं मूंखे
मुंहिंजे पाड़े में रहीं थो

कुझु त धर्तीअ ते हलणु सिखु
उभ में आख़िरि छा अडीं थो

मूंखे जे भुलिजी चुको आं
मुंहिंजो फोटो छो चुमीं थो

पंहिंजे बचिपन खे विसारियुइ
पींघ हाणे किथि लुडीं थो

छा, नथो ज़ाणीं कमल खे
कहिड़ीअ दुनिया में वसीं थो

منهنجي حالت تي کِلين تو
پوءِ ڀي پنهنجو چُوين تو
ٿهڪ سيني جا ٻُڌين تو
منهنجا واڪا ڪِٿ سُڻين تو

ڪِئن سڃاڻيندين تون مونکي
منهنجي پاڙي ۾ رَهين تو
ڪجهہ تہ ڏرتيءَ تي هَلڻ سِکہ
اُڀ ۾ آخر ڇا اَڏين تو

مونکي جي ڀُلجي چُڪو آن
منهنجو فوٽو ڇو چُمين تو
پنهنجي ٻَچپن کي وساريئہ
پينگهہ هاڻي ڪِٿ لُڏَين تو

ڇا، نٿو ڄاڻين ڪمل کي
کهڙيءَ دنيا ۾ وِسين تو

(36)

मुंहिंजे ई दिल खे घरु करे हू रहनि
खेनि चइजो हिते हुते न टिकनि

मां तिरीअ जे मथां सजाए रखां
चंडु तारा कड॒हिं त हेठि लहनि

मुंहिंजे घर खे लुटण जे आया हुआ
हाणे मूं वटि ई था पनाह घुरनि

अरिसे खां ग॒ालिह ब॒ोल्हि बंदि आहे
आखिरी पुलि बि हाणे हू था भञनि

मोकिलाइण बिना ई शइरु छडि॒युइ
तुंहिंजा सुपिना अखियुनि में अजु॒ बि चुभनि

दूंहों दूंहों उथे पियो थो हितां
कंहिंजा ग॒ोड़िहा ज़मीन ते था किरनि

प्यार जे ड॒ोह में कमल फाथो
अहिड़ा अफ़वाह शहर में था हुलनि

(36)

منهنجي دل کي ئي گهر ڪري هو رَهن
ڪين ڇڏجو ھِتي ھُتي نہ ٽِڪن

مان ترڃيءَ جي متّان سجائي رڪان
چنڊ تارا ڪڏهن تہ هيٺ لَهن

منهنجي گهر کي لُٽڻ جي آيا هئا
هاڻي مون وٽ ئي ٿا پناهہ گُهرن

عرصي کان ڳالهہ ٻولهہ بند آهي
آخري پَل بہ هاڻي هو ٿا ٻَڌن

موڪلائڻ بنا ئي شهر ڇَڏِيئہ
تنهنجا سپنا اکين ۾ اڄ بہ چُڀن

دونهون دونهون اُٿي پيو ٿو ھِتان
ڪنهنجا ڳوڙها زمين تي ٿا ڪِرن

پيار جي ڏوهہ ۾ ڪمل ڦاٿو
اهڙا افواهہ شهر ۾ ٿا هلن

(37)

तुंहिंजनि चपनि चुमण में, घणो फ़ासिलो न हो
चाहियो त दिलि घणोई, मगरि हौसिलो न हो

कंहिंजी नज़र लग॒सि, या त साज़िशि जो थियो शिकारु
उभिरियो त रोज़ु वांगे, मगरि सोझिरो न हो

हुन जी गि॒राटिड़ीअ जो, डि॒नो कीन मूं जवाबु
अजु॒ पिणु बची वियो जो हथनि में छुरो न हो

सागि॒ए ई शहर में रही, हाणे मिलूं नथा
डीं॒हनि खां पंहिंजो हिक बि॒ए में, कमु पियो न हो

थोरी ई छिक अचण ते, ही यकिदमु पियो टुटी
रिश्तो नओं नओं हो, मगरि घिरिघिलो न हो

चहिरे ते साफ़ु साफ़ु लिखियलु, समिझे थो किथे
शायदि का बो॒ली प्यार जी हू ज॒ाणंदो न हो

कहिड़ियूं बु॒धायां तोखे, कमल जूं हक़ीक़तूं
शाइरु भली ख़राबु हो, दिलि जो बुरो न हो

تنهنجن چَپن چُمڻ ۾ گهٽو فاصلو نہ هو
چاهيو تہ دل گهٽو ئي، مگر حوصلو نہ هو

ڪنهنجي نظر لڳس يا تہ سازش جو ٿيو شڪار
اُپريو تہ روز وانگي، مگر سوجهرو نہ هو

هن جي ڀِرانئڙيءَ جو، ڏنو ڪين مون جواب
اڄ پڻ بَچي ويو جو هٿن ۾ ڇُرو نہ هو

سا ڳَئي ئي شهر ۾ رهي هاڻي مِلون نٿا
ڏينهن ڪان پنهنجو هڪ ٻئي ۾ ڪم پيو نہ هو

ٿوري ئي چڪ اچڻ تي، هي يڪدم پيو ٽُٽي
رِشتو نئون نئون هو، مگر ڳهرِ ڳهلو نہ هو

ڇهري تي صاف صاف لکيل، سمجهي تو ڪٿي
شايد ڪا ٻولي پيار جي هو ڄاڻندو نہ هو

کهڙيون ٻڌايان توکي ڪمل جون حقيقتون
شاعر ڀلي خراب هو، دل جو بُرو نہ هو

(38)

छो नथी पीछो छडीं
जिंदगीअ खां थो पुछां

तो में कहिड़ो सचु लिखियलु
डाइरीअ खां थो पुछां

मुंहुं ढके उजु छो नचींअं
नाचिणीअ खां थो पुछां

कंहिंजो पारातो लगुई
हिन सदीअ खां थो पुछां

मूं सिवा हक़ु सभिनी खे
हरि ख़ुशीअ खां थो पुछां

केरु तोखे समझंदो
ख़ामुशीअ खां थो पुछां

डुंभ ई डींदींअ अञा
शाइरीअ खां थो पुछां

गुमि किथे थी वियो कमल
ब़ाट्लीअ खां थो पुछां

ڇو نٿي پيڇو ڇڏين
زندگيءَ کان ٿو پُڇان

ٿو ۾ کھڙو سچ لکيل
دائريءَ کان ٿو پُڇان

منهن ڍَڪي اڄ ڇو نَچيئَن
ناچِڻيءَ کان ٿو پُڇان

ڪنهنجو پاراتو لَڳِئہ
هن صديءَ کان ٿو پُڇان

مون سوا حق سيني ڪي!
هر خوشيءَ کان ٿو پڇان

ڪير توکي سمجھندو
خامُشيءَ کان ٿو پڇان

ڏنڀ ڏيندينءَ ڪيڏا اڃا
شاعريءَ کان ٿو پُڇان

ڳُم ڪٽي ٿي ويو ڪمل
ٻاٽليءَ کان ٿو پُڇان

मूं सां मिलंदें, गुमि थी वेंदें
ड॒ाढो घाटो झंगलु आहियां

तुहिंजी थधि किअं लाहे सघदुंसि
मिस्कीनन जो कम्बलु आहियां

सच जूं ग॒ाल्हियूं कंहिं खे वणदियूं
दुनिया लेखे पाग॒लु आहियां

गोलीअ खे तक्लीफ़ न ड॒े तूं
वेणनि सां ई घायलु आहियां

माण्हुनि जे मेड़ाको आहे
ज॒णु को सर्कारी नलु आहियां

कच्चा चिठ्ठा भलि पिया खोलियो
अजु॒ पिणु बिल्कुल धोतलु आहियां

खेतनि जी उञ ड॒ाढी गहिरी
ख़ाली ख़ाली बादलु आहियां

मूं सां तुंहिंजी शुद्धी थींदी
ज़मु ज़मु ऐं गंगा जलु आहियां

مون سان مِلنديں، کُم تي ويندين
ڏاڍو گهاٽو جهنگل آهيان

تنهنجي ڏِڌ کٹن لاهي سگهندس
مِسکينن جو کَمبل آهيان

سَچ جون ڳالهيون کنهنکي وٽنديون
دنيا ليکي پاڳل آهيان

گوليءَ کي تکليف نہ ڏي تون
ويٺن سان ئي گهايل آهيان

ماڻهن جو ميڙاڪو آهي
جڻ کو سرڪاري نَل آهيان

ڪچا چنا پل پيا کوليو
اڄ پڻ بلکل ڏوتل آهيان

کيتن جي اُڄ ڏاڍي گهري
خالي خالي بادل آهيان

مون سان تنهنجي شڏّي تيندي
زَم زم ۽ گنگا جل آهيان

सोपारी सिज्ज जी ॾुई ॾाढो था ख़ुशि लॻुनि
बेख़ौफ़ु बणिजी तारा हिते ॾींहं जो घुमनि

हिन शहर जा हवास, लॻुनि था घणा अजीबु
सुॾिका ॿुधी सघनि नथा, बसि टहिक ही ॿुधनि

हरिका पुराणी यादि, संभाले रखी अथमि
अंजाम तुहिंजा अॼु बि कननि में पिया ॿुरनि

शायदि अॼोकी राति बि डप में बुॾल रहे
कुझु वक़्त खां हवा में के अफ़वाह पिया तरनि

फ़ुर्सत कढी कॾहिं तूं अखियुनि में निहारिजां
जेको चपनि बि कीन चयो, ही चई सघनि

ठकि ठकि ते दरु न खोलि, सुञातलु लॻे भली
ख़तिरा अनेकि चहिरा मटाए करे हलनि

सस्ते में पियो थो विकिणे, ख़रीदार पो बि घटि
हिति आइना त सिर्फ़ु के अंधा खरीदि कनि

मस मस करे मां तोखे विसारे सघियुसि कमल
मुरिकी वरी न ॾिसु तूं, सुतल सूर था उथनि

(40)

سوپاري سڄ جي ڏئي ڏاڍو ته خوش لَڳن
بي خوف ٻڌجي تارا هِتي ڏينهن جو گُهمن

هن شهر جا حواس، لڳن ته گهڻا عَجيب
سُڏڪا ٻڌي سگهن نٿا، بس ٿهڪ ئي ٻُڌن

هرڪا پراڻي ياد سنڀالي رکي اٿم
انجام تنهنجا اڄ به ڪنن ۾ پيا ٻُرن

شايد اجوڪي رات به ٻڊپ ۾ ٻُڏل رهي
ڪجهه وقت ڪان هوا ۾ ڪي افواهه پيا تَرن

فرصت ڪڍي ڪڏهن تون اکين ۾ نهارجان
جيڪو ڇپن به ڪين ڇيو، هي ڇئي سگهن

نَڪ نَڪ تي در نه کول، سڃاتل لڳي پلي
خطرا انيڪ چهرا مٽائي ڪري هَلن

سَستي ۾ پيو ته وڪڻي خريدار پو به گهٽ
هِت آئينا ته صرف ڪي انڌا خريد ڪَن

مَس مَس ڪري مان توکي وِساري سگهيس **ڪمل**
مرڪي وري نه ڏس تون سُتل سور ته اُٿن

(41)

दिलि जी दकि दकि बि पई हीसाए
राति जो केरु थो दरु खुड़िकाए

छो नथो साफ़ु ब॒ुधाए सभु कुझु
मुफ़्ति में रिश्ता पियो उल्झाए

तूं संदनि गोड़ ते कावड़ि थो करीं
हिकु दफ़ो पींघ बि ड्रिसु लोड॒ाए

शहर में मोटिणो ई कीन अथसि
घर जी हरि भिति पियो हू केराए

साह कोसा हुते, हिति जज़्बा मुअल
छा वटींदें भला रख उथिलाए

हथ किथे, पेर किथे, सोच किथे
केतिरो पाण खे थो फहिलाए

'दोस्ती ख़त्मु', चयाईं अग॒ु पिणु
पोबि हर हर पियो थो वरिजाए

हिकिड़ो भी दाग़ु न चहिरे ते कमल
आईनो कूड़ुं छो थो ग॒ाल्हाए

دل جي دک دک بہ پئي هيسائي
رات جو کيرُ تو در کُڙکائي

چو نٿو صاف ٻُڌائي سڀ کجھہ
مُفت ۾ رشتا پيو اُلجهائي

تون سندن گوڙ تي کاوڙ تو کرين
هک دفعو پينگھہ بہ ڏس لوڏائي

شهر ۾ مونٽو ٿي کين اتس
گهر جي هر پٽ پيو هو کيرائي

ساه کوسا هُتي، هِت جذبا مُئل
چا وڻيندين پلا رکہ اُٿلائي

هٿ کٽي، پير کٽي، سوچ کٽي
کيترو پاڻ کي تو ڦهلائي

’دوستي ختم‘ چيائين اڳہ پڻ
پو بہ هر هر پيو تو وَرجائي

هکڙو پي داغ نہ ڇهري تي کمل
آئينو کوڙ چو تو ڳالهائي

(42)

छा बुधायां किथे मकानु थिए
मुंहिंजो घरु सारो ई जहानु थिए

प्यारु जंहिं ते थो महिर्बानु थिए
उन जो जीवनु त गुलिस्तानु थिए

लालचूं हथु झले छिकिनि वेठियूं
रोज़ु थो पंहिंजो इमितिहानु थिए

मुर्क कहिड़े बि अध ख़रीदि कजइं
ज़ाणु थो बंदि ही दुकानु थिए

फ़र्हती निंड जे कंदो आहीं
छो ग़िलनि ते थो ही निशानु थिए

दुश्मनी तोसां किअं करे सघिबी
तुंहिंजी धरिती बि आस्मानु थिए

बाहि निकिरे पई गुलनि मां अज्रा
अजु बि हैरानु बाग़िबानु थिए

जंहिं बि दर ते कमल झुकायो सिरु
सो ई थो पाकि आस्तानु थिए

چا پڌايان ڪٿي مَڪان تنهنجي
منهنجو گهر سارو ئي جَهان تنهنجي

پيار جنهن تي تو مهربان تنهنجي
اُن جو جيون ته گُلستان تنهنجي

لالچون هَٿ جهلي چِڪن وينيون
روز تو پنهنجو اِمتحان تنهنجي

مُرڪ کهڙي به اگهه خَريد ڪَجئن
چاڻ تو بند هي دُڪان تنهنجي

فَرحتي ننڊ جي ڪندو آهين
چو ڳِلن تي تو هي نشان تنهنجي

دُشمني توسان ڪِئن ڪري سگهبي
تنهنجي ڌرتي به آسمان تنهنجي

باهه نڪري پئي گُلن مان اَچا
اڄ به حيران باغبان تنهنجي

جنهن به در تي ڪمل جُهڪايو سِر
سوئي تو پاڪ آستان تنهنجي

(43)

तुंहिंजी मुठि में सोघो आहियां
लेकिनि सिक्को खोटो आहियां

डोड़ी मूं वटि ब॒ार अचनि था
घोराडूअ जो होको आहियां

जेको सिखंदुसि, सो ई चवंदुसि
तुंहिंजो पाल्यलु तोतो आहियां

इल्लत ह्कि ई आ, कूडु चवणु
बाक़ी सारो सोनो आहियां

कोई मूंते किअं दाउ हणे
बु॒ढिड़ो लंगिड़ो घोड़ो आहियां

नखिरेलो सभिनी खे वणदडु
तुंहिंजे नक जो मोड़ो आहियां

आखिरि कंहिं खे दांह ड्ि॒यां हिति
पाण खे ड्ि॒नलु दोखो आहियां

(43)

ٽُنهنجي مُٺ ۾ سوگهو آهيان
ليڪن سڱو ڪوڙو آهيان

ٻوڙي مون وٽ ٻار اَچن ٿا
گهوراڙوءَ جو هوڪو آهيان

جيڪو سِڪندس، سوئي چَوندس
ٽُنهنجو پاليل طوطو آهيان

علّت هڪ ئي آ، ڪوڙ چَوڻ
باقي سارو سونو آهيان

ڪوئي مون تي ڪِئن داؤ هَٽي
ٻُيڏڙو لنگڙو گهوڙو آهيان

نخريلو سيني ڪي وَٽندڙ
تنهنجي نَڪ جو موڙو آهيان

آخر ڪنهنڪي دانهن ڏِيان هت
پاڻ کي ڏنل دوکو آهيان

(44)

ढंग पंहिंजा न जे मटाईंदा
शहर खे पाण ते खिलाईंदा

तोखे तो वटि ई विकिणी ईंदा हूं
उन ते अहिसानु पिणु जताईंदा

ज़ाण थनि हीअ ज़मीन संढि आहे
ड्रोहु बरसाति ते लग्राईंदा

खेनि चिणिगुनि जी रांदि ड्राढी वणे
शौक़ लइ शहरु पिणु जलाईंदा

सिरु वढींदे बि हू नथा हबि्कनि
पर नज़र शान सां मिलाईंदा

मुंहिंजो बचिपनु खसे बि ख़ुशि न थियनि
हू अञा केतिरो सताईंदा

जिनि खे घर में पनाह ड्रीं थो कमल
से ई तुंहिंजो तड्रो खणाईंदा

(44)

ڏنگر پنهنجا نہ جي مَڻائيندا
شهر کي پاڻ تي کِلائيندا

توکي تو وٽ ئي وِڪڻي ايندا هو
اُن تي احسان پڻ جَتائيندا

ڄاڻ ٿن هيءَ زمين سَنڌ آهي
ڏوهہ برسات تي لَڳائيندا

ڪين ڇڏگن جي راند ڏاڍي وٽي
شوق لءِ شهر پڻ جَلائيندا

سِر وَڍيندي بہ هو نَٽا هيڪن
پر نظر شان سان مِلائيندا

منهنجو ٻَچپن ڪَسي بہ خوش نہ ٿين
هو اچا ڪيترو سَتائيندا

جن کي گهر ۾ پناهہ ڏين ٿو ڪمل
سي ئي تنهنجو تَڏو ڪڏائيندا

(45)

फुटिपाथि ते उहे बि मज़े सां सुमिहिया हुआ
महिलात जिनि घणाईं ॿियनि लइ अॾिया हुआ

तिनि खे चुमण जे लाइ ई तारा झुकिया हुआ
तो जिनि हथनि सां चंड जा ग़ोड़िहा उघिया हुआ

हिकु भी पसंदि न आयो, पुराणो खणी वरियुसि
चहिरा उते घणाईं, विकामण रखिया हुआ

हिन निमु जी छांव खे छॾे, अग़िते वधिया न हू
साही पटण जे लाइ घड़ी अधु रुकिया हुआ

भलि मुंहिंजो हक़ु फॿाए वियो, दोस्तु ई त हो
ॾोरापे बदिले हुन जा मूं थोरा मञिया हुआ

सिजु चंडु जेब में रखी पिणु खुशि थिया किथे
कंहिं नूर जी तलाश में दरि दरि रुलिया हुआ

चांउठि तां सुहिणो सुपिनो, न मोटी वञे वरी
दरवाज़ा घर जा रोज़ु ई खोले रखिया हुआ

वाक़िफि लग़ो थे कूड़ खां, छो चुपि रहियो कमल
मूं दाव केतिराई ठग़ीअ सां खटिया हुआ

فوٽ پاٿ تي اُهي بہ مَزي سان سُمهيا هئا
محلات جن گهڻائي ٻين لاءِ اَڏيا هئا

تِن کي چُمڻ جي لاءِ ئي تارا جُهڪيا هئا
تو جن هٿن سان چنڊ جا ڳوڙها اُگهيا هئا

هڪ ٻي پسند نہ آيو، پراڻو ڪٽي وَريس
ڇهرا اُتي گهڻائي، وِڪامڻ رکيا هئا

هن نِم جي ڇانوَ کي ڇَڏي، اڳتي وڌيا نہ هو
ساهي پٽڻ جي لاءِ گهڙي اڌ رُڪيا هئا

ٻِل منهنجو حق ڦٻائي ويو، دوست ئي تہ هو
ڏوراپي بدلي هن جا مون ٿورا مَڃيا هئا

سڄ چنڊ جيب ۾ رکي پڻ خوش ٿيا ڪٿي
ڪنهن نور جي تلاش ۾ در در رُليا هئا

چائنٺ تان سهڻو سپنو نہ موٽي وڃي وَري
دروازا گهر جا روز ئي کولي رکيا هئا

واقف لڳو ٿي ڪوڙ ڪان، ڇو چپ رهيو ڪمل
مون داوَ ڪيترائي ٺڳيءَ سان کٽيا هئا

(46)

दूंहो दूंहो किथां ही उथे थो
कुझु त अंदरि ई अंदरि जले थो

मुर्क बदिले छो शूके ड्रिसे थो
छा घुरियोमांसि, ऐं छा ड्रिए थो

तुंहिंजो नालो त विसिरी वियो आ
सिर्फ़ु चहिरो ई कुझु कुझु हुरे थो

धीरे धीरे वधीं, देरि लाईं
समुंड्ड लुछंदे नदीअ खे सड्डे थो

घर में घिड़ंदे ई भाकुर थो पाईं
दरु खुलियलु, ओड़ो पाड़ो ड्रिसे थो

केतिरी देरि खां मीहुं बंदि आ
हू छटी पो बि खोले रखे थो

सभु संदसि दर्द ऐं सूर ज्ञाणनि
घाव पंहिंजा अजायो ढके थो

अजु कमल जो ग़ज़लु कुझु फब्रियो न आ
हरिको महिफ़िलि मां उथंदो वञे थो

دونهون دونهون ڪِتّان هيِ اُتي ٽو
ڪجهہ تہ اندر ٿي اندر جَلي ٽو

مرڪ بدلي ڇو شوڪي ڏسي ٽو
ڇا گُهريومانس، ۽ ڇا ڏِٺي ٽو

تنهنجو نالو تہ وِسري ويو آ
صرف چهرو ٿي ڪُجهہ ڦُري ٽو

ڏيري ڏيري وَڏين، دير لائين
سمنڊ لُڇندي نديءَ کي سڏي ٽو

گهر ۾ گِهڙندي ٿي ڀاڪر ٽو پائين
در کُليل، اوڙو پاڙو ڏِسي ٽو

ڪيتري دير کان مينهن بند آ
هو ڇتي پو بہ ڪولي رکي ٽو

سڀ سندس درد ۽ سور ڄاڻن
گهاو پنهنجا اجايو ڍَڪي ٽو

اڄ ڪمل جو غزل ڪجهہ ڦبيو نہ آ
هرڪو محفل مان اُٿندو وڃي ٽو

(47)

कहिं मथिसि कारंहिं मली
रोशनीअ खं थो पुछीं

प्यार जी पहिरीं चुमी
सांविरीअ खां थो पुछीं

बेसुरनि वटि थी रहे
रागि॒णीअ खां थो पुछीं

समुंडु तो ते ई चरियो
चांदिनीअ खां थो पुछीं

सिरु रखे किथि रोइजे
अज॒नबीअ खां थो पुछीं

तोखे कहिं खारो कयो
हरि नदीअ खां थो पुछीं

शाइरी ज॒ाणे कमल
ड॒ाहिरीअ खां थो पुछीं

(47)

ڪنهن مٽس ڪارنهن مَلي
روشنيءَ ڪان ٿو پُڇين

پيار جي پهرين چُمي
سانوريءَ ڪان ٿو پڇين

بي سُرن وٽ ٿي رهي
راڳڻيءَ ڪان ٿو پڇين

سمنڊ تو تي ئي چَريو
چاندنيءَ ڪان ٿو پڇين

سِر رکي ڪِٿ روئجي
اجنبيءَ ڪان ٿو پڇين

توکي ڪنهن ڪارو ڪيو
هر نديءَ ڪان ٿو پڇين

شاعري جاڻي ڪمل
ڏاهريءَ ڪان ٿو پڇين

(48)

सिजु चंडु खुड मथां ई रखाए छड़िया अथमि
घर में घणाई दोस्त टिकाए छड़िया अथमि

जज़्बात में अची करे, भाकुर न पाइ तूं
दिलि जा समूरा जज़्बा जलाए छड़िया अथमि

मूंखे सुञाणे वियो आ, अजायो ख़याल थसि
हाणे पुराणा दोस्त मटाए छड़िया अथमि

संतनि ऐं लीडरनि सां घणो ई मिलां पियो
फोटा अनेकि भिति ते लगाए छड़िया अथमि

हू माठि जी ज़ुबान न समिझी सघियो कड़हिं
गूंगियुनि अखियुनि में सुपिना सजाए छड़िया अथमि

मोटी अचण जो हाणे सवालु ई नथो उथे
पंहिंजा समूरा बेड़ा जलाए छड़िया अथमि

इलिज़ामु मूंते ख़ून जो साबिति किथां कंदा
हथियार तां निशान मिटाए- छड़िया अथमि

ऊंदहि जो डोहु कंहिंजे मथां छो मढ़ियां कमल
पंहिंजनि हथनि सां दीप विसाए छड़िया अथमि

(48)

سڄ چنڊ ڪُڏ مٿان ئي رَڪائي ڇڏيا اٿم
گهر ۾ گهٽائي دوست نِڪائي ڇڏيا اٿم

جذبات ۾ اچي ڪري، ڀاڪر نہ پاءِ تون
دل جا سمورا جذبا جَلائي ڇڏيا اٿم

مونکي سُڃاڻي ويو آ، آجايو خيال ٿس
هاڻي پُراڻا دوست مِٽائي ڇڏيا اٿم

سنتن ۽ ليڊرن سان گِهٽوئي مِلان پيو
فوٽا انيڪ ڀت تي لَڳائي ڇڏيا اٿم

هو ماٺ جي زبان نہ سمجهي سگهيو ڪڏهن
گونگين اکين ۾ سپنا سَجائي ڇڏيا اٿم

موٽي اچڻ جو هاڻي سوال ئي نٿو اُٿي
پنهنجا سَمورا ٻيڙا جَلائي ڇڏيا اٿم

الزام مون تي خون جو ثابت ڪٿان ڪندا
هٿيار تان نشان مِٽائي ڇڏيا اٿم

اوندهہ جو ڏوهہ ڪنهنجي مٿان ڇو مڙهيان ڪمل
پنهنجن هٿن سان ديپ وِسائي ڇڏيا اٿم

(49)

छांव जो कोई आसिरो न बचियो
आख़िरी वणु बि मुंहिंजे पाछे कपियो

केतिरा समुंड पी चुको आहे
पोइ भी केड॒ो ख़ुश्कु ख़ुश्कु रहियो

हाणि मूंसां पियो हू शर्त रखे
काल्ह मूंखां ई बांबिड़ा पे सिखियो

सच जी आख़िरि में जीत थींदी छा
छाजे लइ तो ड॒ुखियो सवालु पुछियो

बिस्तिरे ते असां ब॒ुई चुपि चुपि
ही टियों केरु हो जो विच में सुम्हियो

केड॒ो मुशिकिलि हलणु थी वेंदो आ
तिरिकिणो फ़र्शु हुन कड॒हिं न छुहियो

कहिड़ी थसि बाहि जा विसामे नथी
देरि ताईं हू बारिशुनि में पुसियो

कंहिं किरियल खे लताड़े वियो पे कमल
छा हिंअर हू बि एड॒ो हेठि किरियो

چانوَ جو ڪوئي آسرو نہ ٻچيو
آخري وڻ بہ منهنجي پاڇي ڪَپيو

ڪيترا سمنڊ پيي ڇُڪو آهي
پوءِ پيي ڪيڏو خُشڪ رَهيو

هاڻي مون سان پيو هو شرط رکي
ڪالهہ مون ڪان ٿي بانبڙا پيي سِکيو

سچ جي آخر ۾ جيت ٿيندي ڇا
ڇا جي لءِ تو ڏُکيو سوال پُڇيو

ٻِستري تي اسان ٻئي ڇُپ ڇُپ
هي ٿيون ڪير هو جو وچ ۾ سُمهيو

ڪيڏو مشڪل ٽَلڻ ٿي ويندو آ
تِرڪڻو فرش هن ڪڏهن نہ ڇُهيو

کهڙي ٿس باهہ جا وِسامي نٿي
دير تائين هو بارش ۾ پُسيو

ڪنهن ڪِريل کي لتاڙي ويو پيي **ڪمل**
ڇا هِنئر هو بہ ايڏو هيٺ ڪِريو

(50)

चहिरा ख़याल में वरी रोशन थिया हुआ
भुलिजी वञण में जिनि खे ज़माना लग॒ा हुआ

मुंहिंजे मथां ई वारु करण लाइ था खज॒नि
तुंहिंजनि हिननि हथनि में ई मूं गुल ड्रिना हुआ

अरिसे खां पोइ बर्फ़ रिजी, बंदु पिणु टुटो
दिलि खोले दोस्तनि जा पो भाकुर रुना हुआ

ज़िस्मनि जो हालु, ज॒णु त ब॒ कपिड़ा मशीनि में
लेकिन दिलियुनि जे विच में वड्रा फ़ासिला हुआ

अचिणो ई कीन थसि, रुग॒ो थो वर वकड़ ड्रिए
घर जा समूरा रस्ता त बिल्कुल सिधा हुआ

काई लचक न बाक़ी, अजायो छिकीं पियो
छिकिताण में अग॒े बि ही रिश्ता टुटा हुआ

वापसि छो आएं, तूं त सदा लइ वियो हुएं
तुंहिंजी नज़र में शहर जा माण्हू बुरा हुआ

तुंहिंजुयिनि अखियुनि जी जाइ ते, के फट ड्रिसूं कमल
शायदि तो मूं जियां ई के सुपिना ड्रिठा हुआ

(50)

چهرا خيال ۾ وري روشن ٿيا هئا
ڳُلجي وڃڻ ۾ جن کي زمانا لڳا هئا

منهنجي مٿان ٿي وار ڪرڻ لاءِ ٿا ڪَڇن
تنهنجن هِنن هٿن ۾ ٿي مون گُل ڏِنا هئا

عرصي ڪانپوءِ برف رِجي، بَند پڻ ٽُٽو
دل ڪولي دوستن جا پو ڀاڪر رُنا هئا

جِسمن جو حال، ڄڻ ته ٻه ڪپڙا مَشين ۾
لَيڪن دِلين جي وچ ۾ وڏا فاصِلا هئا

اَچڻو ٿي ڪين ٿس، رڳو ٿو وَر وڪڙ ڏِئي
گهر جا سمورا رستا ته بلڪل سِڌا هئا

ڪائي لَچڪ نه باقي، اَجايو ڇِڪين پيو
ڇڪتاڻ ۾ اڳي به رهي رِشتا ٽُٽا هئا

واپس ڇو آئين، تون ته سدا لءِ ويو هئين
تنهنجي نظر ۾ شهر جا ماڻهو بُرا هئا

تُنهنجين اکين جي جاءِ تي، ڪي ڦٽ ڏِسون ڪمل
شايد تو مون جيان ٿي ڪي سپنا ڏٺا هئا

(51)

शैर जो लफ़्ज़ु लफ़्ज़ु तोरियो आ
पो बि ज़ुणु पाणी ई विलोड़ियो आ

कोई मुंहिंजो भला बुरो छो कंदो
मूं त कंहिं लइ बुरो न सोचियो आ

हू सज़ी छांव खे लुणे था पुछनि
तो रुग़ो एतिरो ई पोखियो आ

को लिफ़ाफ़ो कढी नसीबु पढां
अजु बि तोते त कुझु न ॿोलियो आ

मां ज़रा मी अग़ियां वधी न सघुयिसि
कंहिं न कंहिं हरि क़दम ते टोकियो आ

साबिती प्यार जी घुरे थो उहो
पाणु ई जंहिं मथां मूं घोरियो आ

उछिले वेंदो हू मुर्क तन्ज़ मरी
हालु पंहिंजो कमल सां ओरियो आ

(51)

شعر جو لفظ لفظ توريو آ
پو بہ چڻ پاڻي ئي ولوڙيو آ

ڪوئي منهنجو ڀلا ٻرو چو ڪندو
مون تہ ڪنهن لءِ ٻرو نہ سوچيو آ

هو سڄي چانڊوڪي لُٽي تا پُڇن
تو رُڳو ايترو ئي پوڪيو آ

ڪو لفافو ڪڏي نصيب پڙهان
اڄ بہ طوطي تہ ڪجهہ نہ ٻوليو آ

مان ذرا ڀي اڳيان وڌي نہ سگهيس
ڪنهن نہ ڪنهن هر قدم تي ٽوڪيو آ

ڏابتي پيار جي گُهري تو اُهو
پاڻُ ئي جنهن مٽان مون گهوريو آ

اُچلي ويندو هو مُرڪ طنز ڀري
حال پنهنجو ڪمل سان اوريو آ

(52)

ख़याल कंहिंजो अची निंड मां थो जाग़ाए
लग़े थो बीठो आ ब्रांहुनि खे कोई फहिलाए

लिकाए छो थो रखे, हिन मां छा वटींदो भला
को आइने खे चवे, अक्सु मूंखे मोटाए

विथियुनि मां रोशनीअ जी का किरणि नथी ड्रिसिजे
नज़र जी आस दरियुनि खे पई थी खड़िकाए

रुग़ो मिखिरु पे कयुमि निंड जो, न समिझी सघिएं
ज़रा ड्रिसीं त हा तूं पेरु मुंहिंजो सहिलाए

वरी पुराणी विसारियल का ग़ाल्हि यादि करे
घड़ीअ घड़ीअ पियो हू डाइरीअ खे उथिलाए

हवा में ख़ुश्बु पई गूंजे किनि पराड़ुनि जी
अलाए कंहिंजो ही सडु दूरि खां थो हिरिखाए

रुली रुली वरी हुन वटि ई मोटी आ ख़ुवाहिश
निंडाखिड़ीअ खे कुल्हे ते रखी पियो थफिकाए

उदासु चहिरो, कमल सिरु झुकाए वेठो आ
चवनि था अजु बि हू सभु कुझु वियो आ हाराए

خيال ڪنهنجو اچي ننڊ مان تو جاڳائي
لڳي تو بينو آ ٻانهن ڪي ڪوئي ڦهلائي

لڪائي چو تو رکي، هن مان چا وَنيندو پلا
ڪو آئيني ڪي ڇوي، عڪس مونکي موڻائي

وتين مان روشنيءَ جي ڪا ڪرڻ نتي ڏسجي
نظر جي آس ڊرين ڪي پئي تي ڪڙڪائي

رُڳو مڪر پي ڪيم ننڊ جو، نہ سمجهي سگهئين
ذرا ڏسين تہ ها تون پير منهنجو سهلائي

وري پُراڻي وساريل ڪا ڳالهہ ياد ڪري
گهڙيءَ گهڙيءَ پيو هو ڊائريءَ کي اُٿلائي

هوا ۾ خوشبو پئي گونجي ڪن پڙاڏن جي
الائي ڪنهنجو هي سڏ دور ڪان تو هرڪائي

رُلي رُلي وري هن وٽ ئي موٽي آ خواهش
ننڊاکڙيءَ کي کُلهي تي رکي پيو ٿڦڪائي

اُداس چهرو، ڪمل سِر جُهڪائي وينو آ
چون تا اڄ بہ هو سڀ ڪجهہ ويو آ هارائي

(53)

खोहियलु खोहियलु रहंदो आहीं
अजु कल्ह कंहिं सां मिलंदो आहीं

छा ही मुंहिंजो ई घरु आहे
दीवारुनि खां पुछंदो आहीं

ड॒िसंदो नाहीं सिज जो चहिरो
रातियुनि जा पल चुग॒ंदो आहीं

कंहिंजे साम्हूं कुछीं किथे थो
अंदरि अंदरि सिमंदो आहीं

सुसि पुसि में इअं तारनि खां तूं
कहिड़ियूं ग॒ाल्हियूं पुछंदो आहीं

माज़ीअ खे थो चाहीं भुलिजणु
ऊंदहि खां छो डिज॒ंदो आहीं

रातियूं जाग॒ी कापीअ ते ही
कंहिंजो नालो लिखंदो आहीं

तोखां अजु हिकिड़ी ग॒ाल्हि पुछां
तूं एड॒ो छो वणंदो आहीं

كوهيل كوهيل رهندو آهين
اڄ ڪلهہ ڪنهن سان مِلندو آهين

ڇا هِي منهنجو ئي گهر آهي
ديوارن کان پُڇندو آهين

ڏسندو ناهين سڄ جو چهرو
راتين جا پَل ڳُڻندو آهين

ڪنهنجي سامهون ڪُڇين ڪٿي تو
اندر اندر سِمندو آهين

سُس پُس ۾ اِئن تارن کان تون
کهڙيون ڳالهيون پُڇندو آهين

ماضيءَ کي تو ڇاهين پلڇڻ
اوندهہ کان ڇو ڊِڄندو آهين

راتيون جا ڳي ڪاپيءَ تي هي
ڪنهنجو نالو لِکندو آهين

توکان اڄ هڪڙي ڳالهہ پُڇان
تون ايڏو ڇو وَڻندو آهين

(54)

रिश्तनि ते तो सवाल अजायो पुछिया हुआ
मुंहिंजा जवाब तोखे घणोई चुभिया हुआ

मौसमु अजीबु आयो, गुलनि रूपु ई मटियो
टारियुनि ते क़िस्में क़िस्में जा कंडा टिड़िया हुआ

धरतीअ ते थाब्रिड़नि पिया अहिड़ा घणाई शख़्स
जिनि आस्मान ज्रा सज्रा रस्ता कछिया हुआ

हिकिड़ो दफ़ो मिलण सां सुञाणप नथी वधे
ग़म रोज़ु रोज़ु ई अची मूं वटि टिकिया हुआ

अजु राम जो नसीबु, समूरा खटा खटा
कहिं खां पुछूं त ब्रेर भला कहिं चखिया हुआ

साबिति थिया न ड्रोह, संदसि पहुच आ वड्री
अफ़वाह ड्राढा शहर में हुन लइ हुलिया हुआ

हाणे उहे बि खेनि सुञाणनि नथा कमल
जिनि लाइ उमिरि सारी सभिनि सां लड़िया हुआ

(54)

رِشتن تي تو سوال اجايو پُڇيا هئا
منهنجا جَواب توکي ڳهٽو ئي چُڀيا هئا

موسم عجيب آيو، گُلن روپ ئي مَٽيو
ٺارين تي ڦِسمين ڦِسمين جا ڪَنڊا ٻِڙيا هئا

ڌرتيءَ تي ٽاڍڙن پيا اهڙا ڳهٽائي شخص
جن آسمان جا سَڀا رَستا ڪَڇيا هئا

هڪڙو دفعو مِلڻ سان سُڃاڻپ نئي وڌي
غم روز روز ئي اچي مون وٽ ٽِڪيا هئا

اڄ رام جو نصيب، سمورا ڳَنڍا ڳَنڍا
ڪنهن ڪان پُڇون تہ بير پلا ڪنهن چَڪيا هئا

ڻابت ٿيا نہ ڏوهہ، سنڌس پهچ آ وڏي
افواهہ ڏاڍا شهر ۾ هن لاءِ ڦُليا هئا

هاڻي اُهي بہ نين سُڃاڻن نٺا ڪمل
جن لاءِ عمر ساري سَڀن سان لڙيا هئا

(55)

रस्तो ड॒ाढो ततलु ततलु आहे
जिस्मु सारो थकलु थकलु आहे

कहिं ब॒िए जी हिंअर कहाणी ब॒ुधाइ
तुंहिंजो क़िस्सो बुधलु बुधलु आहे

जो घुरियुमि ज़िंदगीअ में हासुलि थियो
पों बि ज॒णु कुझु खुटलु खुटलु आहे

तुंहिंजो चहिरो पढ़णु अचे ई नथो
नक़्शु हरिको डठलु डठलु आहे

छड॒ि घुमण जी पचर के ग॒ाल्हियूं करि
शहरु सारो ड॒िठलु ड॒िठलु आहे

कंहिं हलो हाइ जो जवाबु न ड॒िए
एतरो छो रुठलु रुठलु आहे

तुंहिंजा भाकुर हिंअर वणनि ई नथा
दिल जो जज़्बो सुतलु सुतलु आहे

हाणे अग॒िते वधी न सघंदो कमल
पंहिंजो रिश्तो थकलु थकलु आहे

(55)

رَستو ڏاڍو ٽَٽلُ ٽَٽلُ آهي
جِسم سارو ٿَڪل ٿَڪل آهي

ڪنهن ٻِئي جي هِنئر کهاڻي ٻڌاءِ
تنهنجو قِصو ٻُڌل ٻُڌل آهي

جو ڳُهريم زندگيءَ ۾ حاصل ٿيو
پو ٻہ ڇڻ ڪجهہ کُٽل کُٽل آهي

تنهنجو چهرو پَڙهڻ اَچي ٿي نٿو
نقش هرڪو ڍَڪل ڍَڪل آهي

چڏ ڳُهمڻ جي پَڇر ڪي ڳالهيون ڪر
شهر سارو ڏِٺل ڏِٺل آهي

ڪنهن هَلو هاءِ جو جواب نہ ڏِئي
اهڙو چو رُٺل رُٺل آهي

تنهنجا ڀاڪر هِنئر وَڻن ٿي نٿا
دل جو جَذبو سُتل سُتل آهي

هاڻي اڳتي وَڌي نہ سگهندو ڪمل
پنهنجو رِشتو ٿَڪل ٿَڪل آهي

(56)

विश्वासु आईने ते कड॒हिं एतिरो न करि
सोचण बिना तकड़ि में ई को फ़ैसिलो न करि

ग॒ोड़िहा लिकाइ, ज़ख्म ढके छड॒ि, खिलनि था सभु
जंहिं तंहिं अग॒िया ई पाण खे, तूं इएं ड॒िठो न करि

हिक पुल ब॒िन्हीं जे विच जी बि आख़िरि टुटी पई
पारूथे प्यार जो ही शुरु सिल्सिलो न करि

तोखे ड॒िसी ड॒िसी ई अखियुनि में लिफूं पयूं
पंहिंजे बदन जो मूंते कड॒हिं ओलिड़ो न करि

बादल जो छा भरोसो, कड॒हिं भी किथे वसे
मुहिताजु आ हवा जो, संदसि आसिरो न करि

अध राति जो थो छिरिक भरे निंड मां उथे
हुन खे घणो चयोसीं, त कंहिंजो बुरो न करि

रिश्तनि में थोरी दूरी रखणु लाज़िमी खपे
वेझो अची हितनि खे कमल भुरिकिणो न करि

(56)

وشواس آئيني تي ڪڏهن ايترو نه ڪر
سوچڻ بنا تَڪڙ ۾ ئي ڪو فيصلو نه ڪر

ڳوڙها لِڪاءِ، زَخم ڍَڪي ڇڏ، ڪِلن ڏا سڀ
جنهن تنهن اڳيان ئي پاڌ ڪي، تون اِئن ڏِنو نه ڪر

هڪ پُل ٻنهي جي وچ جي به آخر ٽُٽي پئي
پاروٿي پيار جو هي شرُوع سِلسلو نه ڪر

توکي ڏِسي ڏِسي ئي، اکين ۾ لِڦون پَيون
پنهنجي بَدن جو مون تي ڪڏهن اولڙو نه ڪر

بادل جو ڇا ڀَروسو، ڪڏهن ڀي ڪِٿي وَسي
مُحتاج آ هوا جو، سندس آسرو نه ڪر

اڌ رات جو ٿو ڇِرڪ ڀري ننڊ مان اُٿي
هن کي گهٽو چَيوسين ته ڪنهنجو ٻُرو نه ڪر

رِشتن ۾ ٿوري دوري رَکڻ لازمي کپي
ويجهو اچي هِنن کي ڪمل پُرِڪٽو نه ڪر

(57)

ऊचाईअ तां किरण जो ई सोचे डिज॒ण लग॒ा
थोरो मथे चढ़ी करे, उभ खे तकण लग॒ा

तोखां मदद घुरणु बि, वड॒ो ड॒ोहु थी पियो
उपदेशी लफ़्ज़ तुंहिंजा, कननि में चुभण लग॒ा

ब॒िज खे ड॒िसी करे ई पुछनि, फलु किथे लिकलु
कंहिंखे न फ़र्ज़ु यादि, रुग॒ो हक़ु घुरण लग॒ा

सभु रोशनियूं सिजनि हिते गिरिवी रखी छड॒ियूं
ऊंदहि जो ख़ौफु, जिस्म जा पाछा रिजण लग॒ा

सालनि जी कोशिशुनि सां ई नंढिड़ी दरी खुली
पो केतिराई दर बि भितियुनि में खुलण लग॒ा

पत्थर जी हरिका चोट, सही विया खिली खिली
अक्सनि जूं साज़िशूं ड॒िसी, शीशा टुटण लग॒ा

केड॒ो न ख़ुशि हो समुंड॒ु, कमल ग़र्कु थी वियो
छोलियुनि बि राग॒ ग॒ाया, किनारा खिलण लग॒ा

(57)

اوچائيءَ تان ڪِرڻ جو ئي سوچي ڊِڄڻ لڳا
ٿورو مٿي چڙهي ڪري، اُپ ڪي تَڪڻ لڳا

توکان مدد گهرڻ ٻه، وڏو ڏوهه ٿي پيو
اُپديشي لفظ تُنهنجا، ڪَنن ۾ چُڀڻ لڳا

ٻج ڪي ڏِسي ڪري ئي پُڇن ڦل ڪٿي لِڪل
ڪنهنکي نه فرض ياد، رهُو حق گُهرڻ لڳا

سڀ روشنيون سِڄن، هٿي گروي رکي ڇڏيون
اوندهه جو خوف، جسم جا پاڇا رِجڻ لڳا

سالن جي ڪوشش سان ئي ننيڙي دَري کُلي
پو ڪيترائي در ٻه پٽين ۾ کُلڻ لڳا

پٿر جي هرڪا چوٽ، سَهي ويا ڪِلي ڪِلي
عڪس جون سازِشون ڏِسي، شيشا ٽُٽڻ لڳا

ڪيڏو نه خوش هو سمنڊ، ڪمل غرق ٿي ويو
ڇولين ٻه راهه ڳايا، ڪنارا ڪِلڻ لڳا

हरकंहिं खे मां चुभंदो आहियां
तोखे ई छो वणंदो आहियां

जुमिलनि में तूं छाथो ग॒ोल्हीं
लफ़्ज़नि में ई रुलंदो आहियां

भाकुरु आहियां चांडोकीअ जो
रोज़ु किथे मां मिलंदो आहियां

तोसां आहे प्यारु, चवां किअं
दीवारुनि ते लिखंदो आहियां

शायदि तुंहिंजी आहट हूंदी
ख़ुश्बू वर वर चुमंदो आहियां

दड़िका, मारूं, भाकुर, सुड॒िका
बच्पनि लइ अजु॒ सिकंदो आहियां

सिंधी ब॒ोलीअ वांगुरु क़िस्मत
म्यूज़म में ई रहंदो आहियां

(58)

هر ڪنهن کي مان ڇُهندو آهيان
توکي ئي ڇو وڻندو آهيان

جُملن ۾ تون ڇا ٿو ڳولهين
لفظن ۾ ئي رُلندو آهيان

ڀاڪر آهيان چانڊوڪيءَ جو
روز ڪٿي مان مِلندو آهيان

توسان آهي پيار، ڇوان ڪِئن
ديوارن تي لِکندو آهيان

شايد تنهنجي آهٽ هوندي
خوشبو ور ور ڇُهندو آهيان

دڙڪا، مارون، ڀاڪر ٻُڌڪا
ٻچڙن لاءِ اڄ سِکندو آهيان

سنڌي ٻوليءَ وانگر قِسمت
ميوزم ۾ ئي رهندو آهيان

(59)

विश्वासु दोस्तनि ते एड्डो पको रखे थो
लल्कारे दुश्मननि खे, मुंहिंजे ई घरि लिके थो

तो वटि त बणिजी सीतलु, सिजु रोशनी थो बख़्शे
मुंहिंजे अङण में छा लइ, ही बाहि थी वसे थो

फहिलायो हथु घणोई हररोज़ु वांगे अजु भी
चहिरो रुखो रुखो ई, हू दान में ड्डिए थो

वारीअ ते जो लिखियलु आ, रखंदो न यादि सागरु
लहिरुनि ते पंहिंजो नालो, वर वर करे लिखे थो

मूंसां अथसि को रिश्तो, सचु सचु चई सघे जे
रुख़ु तेज़ु आ हवा जो, तूफ़ान खां डिजे थो

आयो सुरी ड्डिसण लइ, पो प्यार सां छुहियाई
छा घाव ते हंयाई, ड्डाढो घणो कुरे थो

कंहिं सां न शर्त काई, वञिणो न थसि किथे भी
रस्तनि ते हू अकेलो, केड्डो तिखो डुके थो

सवलो न आ कमल को मोहीअ जियां लिखे शैरु
हिक उमिरि जो सिखणु ऐं रतु दिलि जो भी घुरे थो

(59)

وِشواس دوستن تي ايڏو پَڪو رَکي ٿو
لُڪاري دشمنن کي منهنجي ئي گهر لِڪي ٿو

تو وٽ تہ ٻڻجي ستيل، سڄ روشني ٿو بَخشي
منهنجي اڱڻ ۾ ڇا لاءِ، هي باه ٿي وَسي ٿو

ڦهلايو هٿ گهڻو ئي هرروز وانگي اڄ ٻي
ڇهرو رُکو رُکو ئي هو دان ۾ ڏِئي ٿو

واريءَ تي جو لِکيل آ، رکندو نہ ياد ساگر
لهرن تي پنهنجو نالو، ور ور ڪري لِکي ٿو

مون سان اٿس ڪو رِشتو، سڄ سڄ ڇڏي سگهي جي
رُخ تيز آ هوا جو، طوفان ڪان ڊِڄي ٿو

آيو سُري ڏسڻ لاءِ، پو پيار سان ڇُهيائين
ڇا گهاوَ تي هنيائين، ڏاڍو گهڻو ڪُري ٿو

ڪنهن سان نہ شرط ڪائي، وڃڻو نہ ٿس ڪٿي ٻي
رستن تي هو اڪيلو، ڪيڏو ٿِڪو ڊُکي ٿو

سَوَلو نہ آ ڪمل ڪو موهيءَ جيان لکي شعر
هڪ عمر جو سِڪڻ ۽ رت دل جو ٻي ڳُهري ٿو

(60)

बूंद हिक ई सही, टिमणु न ड्रियो
ज़ाइक़ो लुड़िक जो चखणु न ड्रियो

ग॒ाटु ऊचो अथसि, कपींदा किअं
थोरिड़ो सिरु संदसि झुकणु त ड्रियो

निंड मां जल्दु छो उथारियो था
कोई सुपिनो अञा चुभणु त ड्रियो

नाचु छोलियुनि जो पिणु ड्रिसी सघंदा
चंड खे समुंड में बुड्रणु त ड्रियो

खौफ़ु खाई छा दरु न खोलींदा
घर में कुझु रोशनी अचणु त ड्रियो

भाकुरनि में ई राति ग़ुज़िरी वई
सिजु चढ़ी आयो आ, उथणु त ड्रियो

पोइ ड्रिसिजो त किअं भज॒ी थी वञे
ठूंठि हुन खे ज़रा लग॒णु त ड्रियो

छाजे लइ थो कमल उदासु रहे
राज़ु ही गहिरो आ, खुलणु त ड्रियो

بوند هڪ ئي سَهي، ٻَمڻ تہ ڏيو
ذائقو لُڙڪ جو چَکڻ تہ ڏيو

ڳالهہ اتس، ڪپيندا ڪئن
ٽوراڙو سِر سندس جُھڪڻ تہ ڏيو

ننڊ مان جلد ڇو اُٿاريو ٿا
ڪوئي سپنو اڃا چُپڻ تہ ڏيو

ناچ چولين جو پڻ ڏِسي سگھندا
چنڊ کي سمنڊ ۾ ٻُڏڻ تہ ڏيو

خوف ڪائي ڇا در نہ کوليندا
گھر ۾ ڪجھہ روشني اچڻ تہ ڏيو

ڀاڪرن ۾ ئي رات گذري وئي
سج چڙهي آيو آ، اُٿڻ تہ ڏيو

پوءِ ڏسجو تہ ڪِئن ٻجي ٿي وڃي
ٿونٽ هن کي ذرا لَڳڻ تہ ڏيو

ڇا جي لاءِ تو ڪمل اُداس رهي
راز هي گھرو آ کُلڻ تہ ڏيو

रोज़ु हिन सा उघी चहिरो उजिरो कयो
आइने खे मगरि केड॒ो मेरो कयो

बारु ड॒ाढो घणो हो कुल्हनि ते रखियलु
सिर खे लाहे करे जिस्मु हल्को कयो

केतिरियूं ख़ुवाहिशूं हिन जूं पूरियूं कयां
अजु बि तोखे ड॒िसी, दिलि त खेटो कयो

रहिमु खाई ड॒िनमि खेसि घर में पनाह
हुन का साज़िशि रचे दिलि ते क़बिजो कयो

रांदि में ब॒ार घर खे विसारे छड॒ियो
ज़ोर सां कनु पटे, माउ वाको कयो

कंहिं ख़रीदियो न पिए, हाणि सभु था पुछनि
तो वड॒े अघ ते अजु मुंहिंजो सौदो कयो

किअं चपनि खे चुमां, कुझु हब॒क थी थिए
मुंहिंजे फोटे छुही, खेनि जूठो कयो

हिकिड़ी राहत भरी ड॒ाति तोखां घुरियमि
शाइरी बख़्शिशे तो मूंसां दोखो कयो

हिति सहूलियत जे लइ कुझु बि कनि था कमल
डाहे मुंहिंजो अङणु सभिनी रस्तो कयो

روز ھن سان اُگھي چھرو اُجرو ڪيو
آئيني کي مگر ڪيڏو ميرو ڪيو

ٻار ڏاڍو گھڻو ھو ڪُلھن تي رکيل
سِر کي لاھي ڪري جسم ھلڪو ڪيو

ڪيتريون خواھشون ھن جون پوريون ڪيان
اڄ ٻه توکي ڏسي، دل ته ڪيتو ڪيو

رحم ڪائي ڏِنم ڪيس گھر ۾ پناھه
ھن ڪا سازش رچي دل تي قبضو ڪيو

راند ۾ ٻار گھر کي وساري ڇڏيو
زور سان ڪن پٽي، ماءُ واڪو ڪيو

ڪنھن خريديو نه پئي، ھاڻ سڀ ٿا پڇن
تو وڏي اگھه تي اڄ منھنجو سؤدو ڪيو

ڪِئن ڇپن کي ڇُمان، ڪجھه ھبڪ تي ٿئي
منھنجي فوٽي ڇُھي، ڪين جونو ڪيو

ھڪڙي راحت پري ڏات توکان گھريم
شاعري بخشي تو مون سان دوکو ڪيو

ھِت سُھوليت جي لءِ ڪجھه ٻه ڪن ٿا ڪمل
ڊاھي منھنجو اڱڻ سيني رستو ڪيو

(62)

दोस्तु बणिजी करे ठगुणु त ड्रियो
मूंखे पुठि में छुरो हणणु त ड्रियो

पोइ हिन खे सज़ोई लुटिजो खणी
झंग में बस्तीअ खे ठहणु त ड्रियो

बड़िबड़ाहट में कुझु लिकलु न हुजे
नेठि छाथो चवे, बुधणु त ड्रियो

जेके मंज़िलि ते पहुची भिटिकनि पिया
पेर तिनि जा ज़रा चुमणु त ड्रियो

मूं इरादो हिंअर मटायो आ
आख़िरी ख़तु वरी लिखणु त ड्रियो

भलि त मूंखे लताड़े वञिजो सभु
पहिरीं थकिजी किथे किरणु त ड्रियो

अध में छो था वञो कमल जे घरां
खेसि पूरो गज़लु चवणु त ड्रियो

دوست ٻڌجي ڪري نَڱڻ تہ ڏيو
مونکي پُٽ ۾ چُرو هَڏڻ تہ ڏيو

پوءِ هن کي سڄو ئي لُٽجو ڪٽي
جُھنگہ ۾ بستيءَ کي نَهڻ تہ ڏيو

ٻَڙٻَڙاهٽ ۾ ڪجهہ لِکل نہ هجي
نيت ڇا ٿو چوي، ٻُڌڻ تہ ڏيو

جيڪي منزل تي پهچي پٿڪن پيا
پير تِن جا ذرا چُمڻ تہ ڏيو

مون اِرادو هِنئر مٽايو آ
آخري خط وري لِکڻ تہ ڏيو

پل تہ مونکي لَتاڙي وڃجو سڀ
پهرين ٿَڪجي ڪِٿي ڪِرڻ تہ ڏيو

اڌ ۾ ڇو ٿا وَڃو ڪمل جي گهران
ڪيس پورو غزل ڇَوڻ تہ ڏيو

(63)

जिंनि खे न ज़ाण, डोहु अङण खे डुई विया
टांडनि मथां के पेरें उघारा नचीं विया

मल्बे जे हेठि आहे दबियलु, रड़ि नथा बुधनि
नेता घणाई आया, किरियलु घरु ड्रिसी विया

खुडु ताईं डोड़ कूड़ जी, सच्चो सदा नचे
विश्वासु किअं कयां मां, वडा सचु चई विया

सुधि थमि डिसण न ईंदो, बहाना करे पियो
पुछिणो हो हालु जिनि खे, कडिहोको पुछी विया

को शौक़ु थनि सफ़र जो, या बी का तलाश थनि
मंज़िलि पुठियां छडे, घणो अगिते वधी विया

हुन जे बिए बि हथ में, न सागियो हुनरु हुजे
आङूठो एकलव्य जो कपाए डिज़ी विया

हरिको करे थो ठाहु, कमल हालतूं डिसी
पोपट बि नेठि नक़ुली गुलनि ते हिरी विया

جنکي نه ڄاڻ، ڏوهه اَرڻ کي ڏئي ويا
ٽانڊن مٿان کي پيرين اُگهاڙا نَچي ويا

مَلبي جي هيٺ آهي دَٻيل، رڙ نٿا ٻُڌن
نيتا گهڻائي آيا ڪِريل گهر ڏِسي ويا

ڪُڏ ٽائين ٻوڙ ڪوڙ جي، سچو سَدا نَچي
وشواس ڪِئن ڪيان مان، وڏا سچ ڇَئي ويا

سُڌ ٿَم ڏسڻ نه ايندو، ٻَهانا ڪري پيو
پُڇڻو هو حال جن کي، ڪَڏهوڪو پُڇي ويا

ڪو شوق ٿَن سفر جو، يا ٻي ڪا تلاش ٿَن
منزل پنيان ڇڏي، گهڻو اڳتي وڌي ويا

هن جي ٻئي به هٿ ۾ نه ساڳيو هُنر هجي
آڱوٺو ايڪلويه جو ڪَپائي ڏِجي ويا

هرڪو ڪري ٿو ناهه، ڪمل حالتون ڏسي
پوپٽ به نيٺ نقلي گلن تي هِري ويا

(64)

टुकिरा टुकिरा कमल करे सघंदें
छा संदसि हौसिलो खसे सघंदें

तूं त काजल जे घर जो रहिवासी
जिस्म जा दाग़ किअं ढके सघंदें

इश्तिहारनि सां लाल्चाई पियो
सचु उन्हनि में कडुहिं छपे सघंदें

आइनो बणिजी ख़ौंसीं सभिनी सां
ही बुरियूं आदतूं छडे़ सघंदें

किअं न मुर्की ड्सिनि पिया तोखे
टारीअ तां हिकु बि गुलु पटे सघंदें

कंहिंजी कंहिंजी तो दिलि दुखाई आ
लुड़िक जो ज़ाइको चखे सघंदें

केतिरो वक़्तु चहिरो घूरीं पियो
घुंज जबलनि जा छा गुणे सघंदें

डोहु सभु था मढ़िनि कमल जे मथां
केतिरियूं आङुरियुं कपे सघंदें

(64)

ٽُڪرا ٽُڪرا ڪِمل ڪري سگھندين
ڇا سندس حوصلو ڪَسي سگھندين

تون ته ڪاجل جي گهر جو رهواسي
جسم جا داغ ڪئن ڏَڪي سگھندين

اشتهارن سان لالچائين پيو
سچ اُنهن ۾ ڪڏهن ڇَپي سگھندين

آئينو ٻٽجي سيني سان ڪؤنسين
هي ٻُريون عادتون ڇڏي سگھندين

ڪئن نه مُرڪي ڏسن پيا توکي
ٽاريءَ تان هِڪ به گل پٽي سگھندين

ڪنهنجي ڪنهنجي تو دِل دُکائي آ
لُڙڪ جو ذائقو چَکي سگھندين

ڪيترو وقت ڇَهرو گهورين پيو
گهنج جَبلن جا ڇا ٻَٽي سگھندين

ڏوهه سڀ ٿا مڙهن ڪمل جي مٿان
ڪيتريون آڱريون ڪَپي سگھندين

पाणु कुर्सीअ अगि॒यां झुकाईंदा
बेसुरनि सां बि सुरु मिलाईंदा

सिज्जु डि॒संदे ई सुसिपुसाईंदा
के नयूं साज़िशूं रचाईंदा

को बि मुंहिंजी ज़ुबान समिझे नथो
लफ़्ज़ माना कडु॒हिं मटाईंदा

एडो॒ विश्वासु शहर वासियुनि ते
अखि जो सुर्मो बि ही तिगा॒ईंदा

सेक जे डप विचां परे ई रहनि
रख टांडनि तां किअं हटाईंदा

मूंखे आदत ख़राबु वेसरि जी
पंहिंजां अहिसानु पिया गु॒णाईंदा

दान जियां डीं॒दा सभिनी खे ई हक़
रहिमुदिलि पोइ भी सडा॒ईंदा

तोखे विकिणी विया हू तो वटि ई
वहिमु तुंहिंजो, गले लगा॒ईंदा

अजु॒ बि गो॒लहे कमल सचायुनि खे
खेसि म्यूज़म में ई सजाईंदा

(65)

پاڻ ڪُرسيءَ اڳيان جُهڪائيندا
بي سُرن سان بہ سُر مِلائيندا

سڀ ڏسندي ئي سُسپُسائيندا
ڪي نيون سازشون رَچائيندا

ڪوبہ منهنجي زبان سَمهجي نٿو
لفظ معنيٰ ڪڏهن مَٽائيندا

ايڏو وِشواس شَهرواسين تي
اڪ جو سُرمو بہ هي تِڳائيندا

سيڪَ جي ڏپَ وِچان پَري ئي رهن
رکَّ ڏاڍن تان ڪِئَن هَٽائيندا

مونکي عادت خَراب ويسر جي
پنهنجا احسان پيا ڳڻائيندا

دان جيان ڏيندا سيني کي ئي حق
رحمدل پوءِ پي سڏائيندا

توکي وکڙي ويا هو تو وٽ ئي
وهم تنهنجو، گَلي لڳائيندا

اڄ بہ ڳولهي ڪمل سَچاپن کي
ڪيس ميوزم ۾ ئي سَجائيندا

सुकलु मां रहियुसि ही बदनु ई पुसियो हो
रुगु़ो तांघ लाहिण जियां हू वसियो हो

घणा दोस्त पंहिंजा विञाए चुको आं
तो चहिरा पढ़ण जो हुनरु छो सिखियो हो

नक़ाबनि मटाइणि में तक्लीफ़ डा॒ढी
सची शक्लि सां पर जिअणु भी डु॒खियो हो

समूरा सबक़ ज़िंदगीअ मां पिरायमि
किताबनि जे अंदरि भला छा रखियो हो

लगो॒ चिड़िचिड़ियो कल्ह, हिंअर शांति आहे
उथी राति शायदि भितियुनि सां विढ़ियो हो

संदसि दुश्मननि जो बि तइदादु हो घटि
अञा शुहरतुनि ते किथे हू रसियो हो

सजी॒ उमिरि गुज़िरी वई नफ़िरतुनि में
मिलियो नेठि छा तोखे, मूं छा वटियो हो

चवनि था कमल शाइरीअ तां खंयो हथु
ग़ज़ल सां निभाइणु कडहिं॒ हू सिखियो हो

(66)

شُڪل مان رهيس هي بدن ئي پُسيو هو
رڳو تانگهہ لاهڻ جيان هو وَسيو هو

گهڻا دوست پنهنجا وِڃائي چُڪو آن
تو ٿورا پڙهڻ جو هُنَر ڇو سِکيو هو

نقابن مٿائڻ ۾ تڪليف ڏادي
سَچي شڪل سان پر جِئڻ پيءِ ڏُکيو هو

سَمورا سَبق زِندگيءَ مان پرايم
ڪِتابن جي اندر پَلا ڇا رکيو هو

لَڳو چِڙچِڙيو ڪَلهہ، هِنئر شانت آهي
اُتي رات شايد پِتين سان وِڙهيو هو

سندس دشمنن جو بہ تعداد هو گهٽ
اچا شُهرتن تي ڪِٿي هو رَسيو هو

سڄي عمر گذري وئي نفرتن ۾
مليو نيٺ ڇا توکي، مون ڇا وَڃيو هو

چون ٿا ڪمل شاعريءَ تان کَنيو هٿ
غزل سان نِڀائڻ ڪڏهن هو سِکيو هو

(67)

आइनो ॾिसंदे डिॼीं
रोज़ु थो चहिरा मटीं

पाछे पोयां पियो डुकीं
छो नथो साही पटीं

राति वेंदुसि चंड ॾे
तूं बि जेकर गॾु हलीं

साफ़ु था सुॾिका बुधुं
एतिरो छो थो खिलीं

साल अॻु जो वाइदो
उन खां पो अजु थो मिलीं

मां त धोतलु खीर सां
छो ठिकरु कूड़ो भञीं

किअं पुछां तूं छो रुठें
अजु नथो पंहिंजो लॻीं

शाइरी लफ़्जनि जो ॼारु
ॾिसु मतां फासी पवीं

रहिंडिजी वेंदें कमल
हालु कंहिं खां थो पुछीं

(67)

آئينو ڏسندي ڏٺين
روز تو چهرا مٽين

پاڇي پويان پيو ڊُڪين
چو نٿو ساهي پٽين

رات ويندس چنڊ ڏي
تون به جيڪر گڏ هلين

صاف ٿا سُڏڪا ٻُڌون
ايترو چو تو کلين

سال اڄ جو واعدو
ان کان پو اڄ تو ملين

مان ته ڌوتل ڪير سان
چو نِڪر ڪوڙو پڇين

ڪِئن پُڇان تون چو رُنين
اڄ نٿو پنهنجو لڳين

شاعري لفظن جو ڄار
ڏِس متان ڦاسي پوين

زهنڊجي ويندين ڪمل
حال ڪنهن کان تو پُڇين

(68)

गोप हिक ॻाल्हि तूं ॿुधाईंदें
तूं कमल सां कॾहिं मिलाईंदे

चहिरे जा भाव भलि मटाए छॾि
सोच जी बूइ किथे लिकाईंदे

किअं भला तोखे ज़ख़्म ॾेखारियां
अॼु बि तूं लूणु ई लॻाईंदें

तुंहिंजे भाकुर जे लाइ वाझायां
मख़मली राति खे लॼाईंदें

मुर्क जो दानु भी घुरी न सघां
पंहिंजा अहिसान ई ॻणाईंदें

छो थो जंहिं तंहिं जे मामिलनि में कुॾीं
पंहिंजा दुश्मन घणा वधाईंदें

कुड़ चवंदे घणो ई हॿिकां थो
हीअ नज़र चहिरे तां हटाईंदे

ॾारूं ॾारूं बदनु समूरो आ
थोरो मर्‌हम किथे लॻाईंदें

शाइरीअ जी पचर छॾे ॾे कमल
हिन मां कहिड़ा टका वटाईंदें

(68)

گوپ هڪ ڳالهہ تون ٻڌائيندين
تون ڪمل سان ڪڏهن مِلائيندين

ڇهري جا ڀاوَ پل مَٽائي ڇڏ
سوچ جي بوءِ ڪٿي لِڪائيندين

ڪِيئن ڀلا توکي زخم ڏيکاريان
اڄ بہ تون لوڻ ٿي لَڳائيندين

تنهنجي ڀاڪر جي لاءِ واجهايان
مخملي رات کي لَڄائيندين

مُرڪ جو دان ڀي گُهري نہ سگهان
پنهنجا اَحسان ٿي ڳَڻائيندين

ڇو تو جنهن تنهن جي معاملن ۾ ڪُڏين
پنهنجا دُشمن گهڻا وڌائيندين

ڪوڙ چوندي گهڻو ٿي هَبڪان ٿو
هيءَ نظر ڇهري تان هَٽائيندين

ڏارون ڏارون بدن سَمورو آ
ٿورو مَرهم ڪِٿي لَڳائيندين

شاعريءَ جي ٻَچر ڇڏي ڏي ڪمل
هن مان ڪهڙا نَڪا وَٽائيندين



नालो : गोप दरियानी 'कमल'

जनमु : 9 नवम्बर 1948

पेशो : सिविल इंजिनीयरु, दुबई म्युन्सिपाल्टी

ॿोलियूं : सिंधी, हिंदी. अंग्रेज़ी, उर्दू ऐं मराठी

पत्तो : 24, विश्राम सोसाइटी, पदम्जी पार्क,
पुनो-411002

या

पो. बॉ. 1691,
दुबई, (यु.ए.ई.)

email : gopedaryani@hotmail.com

छपियल किताबः

1. ज़िंदगी ऐं चार ॾींहं (नाविलु) 1973
   ॿियो छापो सिंधु में 1981
2. चोरायल खुशीअ जो सुखु 1979
   कहाणी संग्रह
3. हाइ मुंहिंजी नज़र 1986
   कार्टुनी तनक़ीद
4. सरिहदुनि ते गुल (कविता संग्रह) 1988
5. निंड फिटलु (कविता संग्रह) 1990
6. वापिसी (कविता संग्रह) 1999
7. छांव वेढ़ियल जिस्म (गज़ल) 2009
8. सिज अग्रियां ॿुकु (गज़ल) 2011
9. पन छिज़ुण जो आवाज़ु (गज़ल) 2013

इनाम :

1. चोरायल खुशी जो सुखु ते 1981
   C.H.D. तर्फ़ां
2. छांव वेढ़ियल जिस्म ते 2012
   NCPSL तर्फ़ां

पन छिॼण जो आवाज़ु

गोप कमल

